


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڌورا اڌما

(شاعري)

حسين سرور

ڊجيٽل ايڊيشن

2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**حق ۽ واسطا:**

| | |
|---|---|
| كتاب جو نالو | : اڌورا اڌما |
| شاعر | : حسين سرور |
| كمپوزنگ | : آكاش ميمڻ، فيض مگريو |
| سهيڙ | : محمد حبيب سنائي ۽ آخوند محمد عباس |
| ڊجيٽل ڇاپو | : سنڌ سلامت كتاب گهر. 2023ع |
| ٽائيٽل | : نوشاد حسين سنائي |

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت كتاب گهر**

**www.sindhsalamat.com**

## سنڌسلامت پاران :

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران حسين سرور جي شاعريءَ جو مجموعو ”اڌورا اڌما“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون جنهن جي سهيڙ حبيب سنائي ۽ آخوند عباس ڪئي آهي،**

**حسين سرور خوبصورت احساسن ۽ جذبن جو شاعر هيو جيڪو جوانيءَ ۾ ئي اسان کان وڇڙي ويو. اسان جڏهن هن جي شاعري پڙهون ٿا ته هوُ اسان جي اکين ۾ زنده آهي. سندس شاعري پڙهندي محسوس ٿيندو ته هي انهن نوجوان شاعرن مان آهي جن ڪڏهن به سياسي جدوجهد ۾ هلندي، سنڌ جي سونهن ورونهن ۽ آزادي لاءِ خواب ڏسندي عام نعرن جو سهارو نه ورتو. حسين سرور پنهنجي شاعريءَ ۾ سماجي حقيقت نگاري ۾ رنگ پرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.**

**هي ڪتاب ڪنهن به پبلشنگ اداري ڪونهي ڇپايو. ٿورائتا آهيون حبيب سنائيءَ جا جنهن هن مواد کي ڪتابي شڪل ڏئي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي.**

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست

ارپنا
شاعر جي هڪ پوسٽ ڪونديون
سنڌ سلامت پاران
تعارف  از محمد حبيب سنائي
حسين سرور جي شاعري از جان خاصخيلي
غزل

1. اسان پيا جِني سان ڪريون محبتون
2. منهنجو ڪو ديوانو ناهي
3. ڏڪاريئي دل منجهان آخر
4. اسان ڪان بي خبر آهين
5. لنگهي جي پر مان نشا تي ويندا
6. محبتون ڪنڌڙ رهيس
7. دنياداري زور اسان ڪان
8. سمئہ ڪي قيد ڪر ڪڏهن
9. چپن تي مرڪ پيي آهي اکين ۾ پيي نمي آهي
10. ذهن ۾ شعوري ڏيئن ڪي جلايو
11. ڪٽي پاڻ سان جڻ ڊسمبر هليو ويو
12. زماني هٿان مان سٽيل ٿو رهان
13. جڏهن بہ اسان آ پسي آرسي
14. عاشقي چا ڏنو
15. پرين جي ياد جا پنچي اگڻ دل تي لٿا آهن

16. هنن صدمن کي روڪي ڪو
17. توکي چنتا تنهنجي گهر جي
18. ڊوڙي ڊوڙي در تي آئي
19. ڏيان ۾ آ ڏڪار تنهنجي
20. هنن صدمن کي روڪي ڪو
21. نظر انداز ٿيو آهيان
22. جي دردن ۾ ورتل اسان جي زندگي آهي
23. جڏهن زلفون سنواري ٿي
24. اسان خواب جوتي نگاهُن جي هَرَ ۾
25. رات ڇوَن تا ڏياري هُئي،
26. ڇڏيو تڪرار جا قصا،
27. اندر پنهنجو ٻہ جانچي ڪو،
28. وِساريل باب تي جانا،
29. اوهان ڪان ڏار آ جيون،
30. منهنجو آ دلدار انوکو،
31. پنهنجا جڏهن اَنگَ مِلي پيا،
32. ٿوپي اجرڪ پٽڪي وارا جاڳيا آهن،
33. جِيوَن مُٺِ ۾ واري آهي،
34. ڇَپن تي ڇپَن کي رکڻ ڏي اَسان کي،
35. او چنڊ جي ڇڪوري،
36. اسان جي نيڻن ۾ خواب ڪيئي،
37. اسان جي دل تي نيڻن سان ٿيو اهڙو تہ وار آهي،
38. جڏهن پيي شام ٿيندي آ، صنم جي سار ايندي آ،

39. سارَ جا پنڇي پٽڪن پيا ٿا،
40. دغا جي شهر ۾ وفائون ٽيون پٽڪن،
41. ڏور ٿيندو ٿو وڃين ڇو دلربا آهي تہ خير؟
42. دل ۾ ڄمائي ديرو ويني غميءَ جي موسم،
43. ڇو وڏيري رئيس ۽ پوتار جون ڳالهيون ڪريون،
44. جاڳ ٿي پئي ڪَنن ڏوھہ ڪنهن کي ڏجي؟
45. ڪنهن کي وينو ساري ڪوئي،
46. چاھہ نہ ڪڏهن آڻي ٿي،
47. وري نيڻ ڪنهن سان ملائي مان وينسُ،
48. پَسِي پهريون دفعو توکي، چڙهيا جيڪي هُيا سانئڻ،
49. جڏهن مَڇَ يادن جا يارو مچن ٿا،
50. ورهايل محبتون تنهنجون،
51. سونهن جي دِيوِيءَ مٿان سينگار ٿيندو ٿو وڃي،
52. چيڙ نہ تون تڪرار جون ڳالهيون،
53. ڏکي زندگي آ،
54. تنهنجون پياريون اکيون،
55. ملي جا اوهان کي شبابن جي دنيا،
56. اچانڪ ڪا ناري ٿري ياد آئي،
57. جيون ڪنهن سان پيار جو نالو،
58. تنهنجي هر هڪ ادا،
59. عذاب گهر آ اسان جو جِيون،
60. اداس ڏينهڙا اداس راتيون،
61. خوشين جو يارو ڏڪار آهي،

62. آس ڪا نراس ٿي،
63. ڪويل ڪان منو تنهنجو آواز ٿو لڳي،
64. عجب زندگيءَ ڪي رنگن ۾ ڏنو مون،
65. ڳنڍي نينهن ناتو ڇنڻ ڪونہ آيو،
66. هتان مان تون هتڙا ڇڏائي هليو وئين،
67. حَسينن جي چنچل ادائن آ ماريو،
68. نيٺ تہ توکان وِسري ويندس،
69. مورَ جيان پئي ٽِلي ڇوڪِري ڳوٺ جي،
70. ٿئي ها پلو جي هُو مون کي ملي ها،
71. راهہ ۾ تنهنجي رُلندا آهيون،
72. مون کي لڳا جي پيارا ماڻهو،
73. تو مٿان ئي ته يار مرڻو آ
74. مان پنهنجو پاڻ پيو ڳولهيان
75. سونهن جا ظاهر جتي ڪعبا ٿيا
76. مَتارن کان پري آهيون،
77. ماٺِ ٿي ماري وجهي ڪو گنگنايو دوستو،
78. احساس آ،
79. جيون مُٺ ۾ واري آهي،
80. نوان درد پل پل سهي ٿو چريو،
81. هَتي اظهار ٿيو پوڙهو،
82. هِنن صدمن کي روڪي ڪو،
83. پنهنجو ناهي ڪو گهر سائين،
84. ورهايل محبتون تنهنجون،

85. آس ڪا نرِاس ٿي،
86. اسان سهڪار جا عادي،
87. پنهنجا جڏهن انگ ملي پيا،
88. نظر انداز ٿيو آهيان،
89. سر مست رهي دل،
90. لنگهي وئي ڄمار ڪا،
91. منهنجو آ دلدار انوکو،
92. حجابي حسن آ تنهنجو،
93. ڪلي پيو جناب چڻ،
94. صدين جي درد ۾ ورتل اسانجي زندگي آهي،
95. محبتن جي اثر ۾ آهيون

نظم / نثري نظم

چئوسٽا

ٽه سٽا

ٻه سٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

**حسين سرور جي شريڪ حيات**

**۽ سندس ٻارڙن**

**آدرش ۽ سنڌيا جي نالي**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاعر جي فيسبوڪ پوسٽ
# ٻہ ڪونڊيون

هي ٺڪر جون ٻہ ڪونڊيون جيڪي گذريل ڪيترن ئي سالن کان مون کي آڪاش ۾ اڏرندڙ آزاد پکين سان الاءِ تہ ڪهڙي رشتي ۾ ڳنڍيون وينيون آهن، هڪ ۾ سادو پاڻي ۽ ٻيءَ ۾ فقط ماني ڀوري.

جڏهن ٻئي ڪونڊيون صبح ويل پنهنجي گهر جي ديوار تي رکندو آهيان تہ گهر جو اڱڻ پکين جي مختلف ٻولين سان گونجي اٿندو آ.

ڪنهن نبيءَ جيان پکين جي ٻولي سمجهڻ جهڙي ڪا دعوىٰ تہ نٿو ڪريان پر ايتري پڪ اٿم تہ هاڻي هنن پکين لاءِ آئون اوپرو ناهيان رهيو، منهنجي گهر جي اڱڻ کي هي پکي هاڻ پاڻ لاءِ محفوظ سمجهڻ لڳا آهن.

گرميءَ جي موسم آ سو اوهان سڄڻن کي ٻہ اهوئي عرض ڪندس تہ اوهان جتي بہ وسو ٿا پنهنجي آس پاس ۾ هنن پکين لاءِ گهٽ ۾ گهٽ پاڻي جو بندو بست ڪندا رهو تہ جيئن اوهان جي گهرن جا اڱڻ بہ پکين جي منٺڙين ٻولين سان گونجندا رهن.

*

## حسين سرور (جنم 26 سيپٽمبر، 1978، 8 جنوري 2021)

## هڪ تعارف

### محمد حبيب سنائي

26 سيپٽمبر 2021 تي صبح سمي فيس بوڪ ياد ڏياريو ته اڄ پياري حسين سرور جو جنم ڏينهن آهي. اهو اطلاع پڙهي ڪري پهرئين ته من اداس ٿي ويو، ڇاڪاڻ ته هو 8 جنوري 2021 تي ڀرپور جواني ۾ ئي اسان کان طبعي طور وڇڙي ويو هو. پر وري مون کي جويو صاحب جا پير حسام الدين راشدي جي حوالي سان لکيل لفظ ياد آيا ته اها اداسي گهٽجي ويئي. جويو صاحب لکيو آهي ته ”آئون ائين ٿو ڀانيان ته جيسين ساڻن ٿيل اهي ڳالهيون ۽ ڪچهريون مون کي ياد آهن ۽ منهنجو حافظو مون ساڻ آهي، تيسين ذاتي طور، حسام الدين مون لاءِ جيئرو آهي. ۽ ائين منهنجا ٻيا به ڪيئي دوست ۽ بزرگ، جيڪي منهنجي سانير ۾ گذاري ويا آهن، ۽ پڻ اهي بيشمار اڻ ڏٺل، اڻ واقف انسان، جن سان آئون سندن ڪتابن ۽ ڪمن ذريعي واقف آهيان، اهي به مون لاءِ اهڙا ئي جيئرا آهن. ائين جيسين ڪن جي ياد جيئري آهي، تيسين جيئرن لاءِ اهي جيئرا ئي رهن ٿا.“

باوجود انهي جي ته هاڻي هو پنهنجي ٽائيم لائين تي ڪا پوسٽ نه پڙهي سگهندو، پوءِ به يادگيري واري نوٽيفڪيشن تي ڪلڪ ڪري هن جي ٽائيم لائين تي وڃي لکيم ته ”پيارا هينئر تنهنجو بسيروعالم ارواح ۾ آهي، پر فيسبوڪ ياد ڏياريو ته اڄ اوهانجو جنم ڏينهن آهي. مون پڇا ڪرائي هئي ته اوهان جي شاعري ڪٿي آهي ته جيئن ان کي ڪمپوز ڪرائي ڪنهن

ويب سائيٽ تي رکجي، پر خبر پيئي تہ اوهان پنهنجي شاعري کي ڪنهن مخصوص بياض ۾ لکيو ئي ڪونہ هو. الله پاڪ اوهان جي مغفرت فرمائي.“

اصل ۾ سندس تڏي تي سندس ويجهي عزيز ڪان جڏهن مون حسين جي شاعري جي بياض يا رجسٽر وغيره جي پڇا ڪئي هئي تہ هن مون کي ائين ٻڌايو هو ۽ مون هن تي اعتبار ڪيو هو. بهرحال منهنجي انهي تازي پوسٽ تي پياري جان خاصخيلي رايو ڏيندي لکيو تہ ”سائين هن جي خاندان ۽ دوستن سان ملي ڪري سندس شاعري جي ڳولا جي امڪان کي ڏسو.“ ٿوري دير ڪان پوءِ آخوند محمد عباس، جيڪو حسين سرور جي ڪافي ويجهو رهيو هو، تنهن لکيو تہ ”حسين جي شاعري هٿيڪي آهي. ان معاملي ۾ ويهڪ ڪبي بابا.“ ائين منهنجي پوسٽ جي نتيجي ۾ جان صاحب مون کي اتساهيو ۽ ٻئي پاسي آخوند عباس خوش خبري ٻڌائي.

ڪلاڪ ڏيڍ ڪان پوءِ وري آخوند عباس فون تي ٻڌايو تہ آخري وقت ۾ حسين سرور ڪيس گهر گهرائي شاعريءَ جو اڌو گابرو مسودو ۽ درخواست ڏني هئي ۽ چيو هو تہ فلاڻي ماڻهو کي پهچاءِ. منهنجي گذارش تي آخوند صاحب ان مذڪوره صاحب سان رابطو ڪيو، پر اهو ان وقت حيدرآباد ويل هو، ۽ چيائين تہ ٻن ٽن ڏينهن ڪان پوءِ واپس اچي پنهنجي گهر ۾ اهي ڪاغذ ڳوليندو. بهرحال اهي ڪاڳر ان صاحب وٽان اڄ ڏينهن تائين نہ مليا.

پر آخوند صاحب حسين سرور جي پارٽنر اسٽيمپ ويندر شهباز رنگ صاحب کان پڇا ڪئي تنهن ڪيس ٻڌايو تہ سندس آفيس ۾ هڪ ڊائري ۾ هن جي شاعري لکيل آهي. آخوند صاحب جي ڪوشش سان اها ڊائري هٿ ڪئي ويئي. مون فوري طور ان کي فيض علي مگرِيو جي حوالي ڪيو، جنهن هڪ اڌ ڏينهن ۾ اهو مواد ڪمپوز ڪري ڏنو. ان مواد ۾ هن جا 17 کن غزل، 40 کن چوسٽا ۽ 20 کن دوها يا بہ سٽا هئا.

ان کان پوءِ مون سندس ٽائيم لائين تي رکيل شاعري کي ڪاپي ڪري هڪ فائيل جوڙڻ شروع ڪيو. چند ڏينهن کان آخوند صاحب ٻڌايو تہ هن جو رابطو حسين سرور جي مائٽ آڪاش ميمڻ سان ٿيو آهي، جنهن ڪيس ٻڌايو آهي تہ حسين سرور وٽس روز شام جو اچي ڪافي مواد ڪمپوز ڪرايو هو. نہ صرف مواد پر، ان ڪتاب جو نالو طيءِ ڪري ڇڏيو هو ۽ ساڳئي وقت ٽائيٽل لاءِ تصوير بہ ڳولي رکي هئي. آخوند جڏهن اهو مواد وارو فائيل مون کي ڏنو تہ مون ڪيس فيض وارو مواد توڙي فيس بڪ وارو مواد ڏنو. هن هفتي کان پوءِ مون کي هڪ فائيل ۾ مواد اسم وار ورهاست ڪري مون کي ايميل ڪيو.

ان فائيل جي جانچ ڪندي ڏنو ويو تہ جيڪو مواد فيس بڪ تان ڪاپي ڪيو ويو، ان مان ڪافي اڳ ۾ ئي آڪاش واري مواد يا ڊائري واري مواد ۾ موجود هو. بهرحال اطمنيان جوڳي ڳالهہ اها آهي تہ هاڻي حسين سرور جو ڪافي مواد حاصل ٿي ويو آهي، جنهن کي ڪتابي صورت ۾ مون ۽ آخوند عباس سهيڙيو آهي، جنهن کي پيش ڪندي سرهائي ٿي رهي آهي.

هن ڪتاب ۾ حسين جا سو ڪن غزل شامل آهن، جن مان پنج ڪن طرحي غزل آهن. آخوند عباس صاحب جي چواڻي تہ حسين محترم ناز لطيفي پاران هر سال عيد جي ٻئي يا ٽئين ڏينهن تي منعقد ٿيندڙ طرحي مشاعري جو ريگولر شاعر هو. ياد رهي تہ ان مشاعري ۾ سوز هالائي، آخوند زخمي هالائي توڙي امداد حسيني صاحب بہ رونق افروز ٿيندا رهيا آهن. هالا ۽ پر پاسي ۾ طرحي مشاعرن جي روايت 90 جي ڏهاڪي تائين سرگرم رهي، پر هاڻي رڳو ناز لطيفي صاحب سال ۾ هڪ بہ ڀيرا مشاعرا ڪرائي ٿو.

هن ڪتاب ۾ غزلن کان علاوه، ڏهاڪو ڪن نظم يا نثري نظم آهن، ان کان علاوه ڪافي تعداد ۾ چوسٽا ۽ بہ سٽا يا دوها آهن. ڪتاب لاءِ سندس شاعري کي پڙهندي مون کي ڪافي لطف آيو ۽ سندس ڪافي شعر منفرد لڳا. تنهنڪري ان حساب سان آئون سمجهان ٿو تہ حسين سرور جي شاعري ڪا پرتي واري شاعري نہ آهي. پڪ تہ سندس هي ڪتاب فاضل پڙهندڙن کي پسند ايندو.

ا نومبر، 2021 محمد حبيب سنائي

# حسين سرور جي شاعري، مختصر تاثر

## جان خاصخيلي

توڙي جو مون فيس بوڪ تي حسين سرور جي ٿوري شاعري پڙهي هئي پر هن سان ڪا روبرو ملاقات ۽ ساڻس مڪمل تعارف نہ ٿي سگهيو هو. منهنجي خواهش هئي تہ هالا جي هن شاعر سان ملاقات ضرور ٿيندي ۽ اسان هن ڪان زباني سندس شاعري ٻڌنداسين ۽ سندس انداز ڪي ڏسنداسين تہ هن پنهنجي شاعريءَ ۾ سماج جي ڪهڙن داستانن تي گلڪاري ڪئي آهي. هالا شهر جي جنڊي، ڪاشي ۽ اجرڪ جي ڦلڙين سميت دستڪاري واري ڪم کي هن ڪيئن ڏٺو ۽ ان ۾ هن پنهنجي لفظن جا رنگ ڀريا آهن. پر اها خواهش پوري نہ ٿي سگهي.

گذريل سال سندس وئي پڄاڻا دوستن هن شاعر جو مختصر تعارف ڪرايو هو. ڪجهہ ڏينهن اڳ منهنجي دوست حبيب

سنائي مونکي سندس پاران سهيڙيل هن جي شاعريءَ جو ڪتاب موڪليو تہ آئون هن جي خوبصورت شاعري ۾ جماليات، محبت، سماج ۽ مصوري واري تصور کي محسوس ڪري سگهان. مونکي لڳو تہ هن جي شاعري بہ ائين آهي جيئن جهنگ ۾ مينهن مُند ڪان پوءِ پاڙمرادو ڦٽل گل ڦل هوندا آهن جيڪي هر ماڻهوءَ کي ڏاڍو وڻندا آهن. ڪجهہ غزلن ۽ نظمن ۾ لڳو تہ اهي اهڙا مٽيءَ جا رانديڪا آهن جن تي شاعر کي اجا محنت ڪرڻي هئي.

هن وٽ بہ خيال آهن جيڪي جماليات، منظرڪشي، ماحوليات ۽ مصوري واري تصوير جوڙين ٿا.

” تو ڪڏهن پڪين جا ٿهڪ ٻڌا آهن
يا وڻن جي اڪيلائي
محسوس ڪئي اٿئي؟
۽ ڪڏهن
بارش ۾ ڪچن گهرن جا لڙڪ
ڏٺا اٿئي؟

بارش ۾ ڪچن گهرن جي لڙڪن کي محسوس ڪرڻ بہ جڻ تہ هڪڙي مصوري آهي جنهن کي هن سيڪڙات مصور

پنهنجي ليکي رنگ پريا آهن جنهن کي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

هن جو هڪڙو ٻيو خيال آهي

”ڪنهن کي وينو ساري ڪوئي،
نيَر پيو ٿو هاري ڪوئي.
سپنن جون کي ٻيڙيون ناهي،
نيڻن ۾ پيو تاري ڪوئي.“

هن جي پرورش ٻه شايد اهڙي ماحول ۾ ٿي هئي جتي ٻارن جون اڪثر خواهشون غربت جي بار ۾ دٻجي رهجي وينديون آهن ۽ هو وڏي ٿيڻ واري پنڌ تي هوندو آهي. ان ڪري هن کي ٻه اهڙا موقعا نہ مليا جو هوُ ايترو مشاهدو ڪري پنهنجي شاعري ۾ رنگ پري سگهي ها. هن پنهنجي چوڌاري نهاريو تہ رڳو ڪيس اڪيلائي ۽ غربت ۾ عشق کي ماٺڻ واري منزل ڏسڻ ۾ آئي، محبوب جي چنچلتا، چوماسي جي برسات ۾ غريب جي جهڳي ٽمڻ جا منظر ۽ ڪيترا سوال نظر آيا.

”محبت جنس آ تو لئہ،

بڻيل تون پيار جو تاجر.
اياڻو عشق هو منهنجو،
۽ تنهنجي سونهن آ شاطر“.

محبت کي مارڪيٽ ۾ نيلام ٿيندڙ جنس چوڻ ڪيس جُڳائي ٿو. هي پنهنجي زندگي جي ان موڙ تي هو جيڪو انساني رشتن ۽ شين کي ائين ئي ڏسي سگهي ٿو.
ان ئي تناظر ۾ هي پنهنجي ٻئي غزل ۾ اظهار ڪندي چوي ٿو:

”اسان آهيون هٿين خالي،
مهانگو تون وکر آهين.
گلن جهڙو سچو آهين،
رڳي دل جو پٿر آهين“.

اهڙا ڪيترا غزل آهن جن کي پڙهندي لڳو ته هن جي پنهنجي پاڻ سان گفتگو آهي جنهن ۾ هن جي محبت، ڏک ۽ اداسيون محسوس ڪري سگهجن ٿيون.

”منهنجي ننڊ،
سپنن جا ڪچا ٻار،

ڪيرائيندي ٿي رهي،
۽ آئون انهن کي،
دفنائيندو ٿو رهان“

جيڪڏهن اسان سندس شاعري ۾ موجوده سياسي، سماجي ۽ اقتصادي مسئلن، فطرت جي مشاهدي ۽ مصوري کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته هن وٽ به پنهنجا خيال رانديڪا آهن، ڪي ڪوجها ته ڪي موچارا، جيڪي هن زندگي جي فرصت ۾ ناهيا هئا.

شاعر جي تنهائي
لفظن جا ٻار ڄڻيندي آ،
ڪي ڪوجها،
ته ڪي موچارا
ڪي ڪجهه وقت الِءِ جيئرا رهندا آهن،
ته ڪن کي موت ئي ناهي ايندو.

اها الڳ ڳالهه آهي ته هن کي اڄا سندس پنهنجي هنرمندن جي بستي هالا شهر جي پرسان درياءَ جي وهڪرن ۽ ترندڙ ٻيڙين وارن منظرن کي پنهنجي شاعري ۾ وڏيڪ سمائڻو هو. سياست جا پنڌ ۽ پيچرا ڪڇڻا هئا. اڄا هن کي موکي

جومڙ پنهنجي شاعري ۾ اوتڻو هو. اجا هن کي دنيا جي مصوري جي شاهڪارن، شاهه عبد اللطيف ڀٽائي ۽ شيخ اياز کي سمجهڻو هو جن جي شاعري پڙهندي لڳندو آهي تہ هنن عظيم شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ مصوري جا شاهڪار جوڙيا آهن.

شاعر پنهنجي تخليقن ۾ مستقبل جون جهلڪون نقش ڪندا آهن ۽ تاريخ نويس ان جي بنياد تي ان دور جي حالتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اسان هن وقت صرف تصور ڪري سگهون ٿا تہ اسان جو هي نوجوان شاعر بہ ان موڙ تي هو جتي ڪيس پنهنجي اندر مان نڪري فطرت جا رنگ پرڻا هئا.

سندس تعارف موجب حسين سرور 26 سيپٽمبر 1978 تي هالا نوان شهر ۾ ڄائو ۽ 8 جنوري 2021 تي سندس زندگيءَ جو اڌ ٽڙيل گُل ڪومائجي ڇڻي پيو. يقيني طور تي اها عمر سندس اڏامڻ ۽ پختگي ڏانهن سفر واري هئي جتان هن جي هڪڙي ٻي شروعات ٿيڻي هئي جنهن مان محسوس ڪري سگهجي ها تہ هُن جي تخليقي اڏام ڪيتري آهي. هوُ ڪيترو مٿي وڃي سگهيو ٿي.

ڪيترائي شاعر پنهنجي اوائلي زندگيءَ ۾ بلڪل ڦوهه جواني ۾ هن دنيا مان هليا ويا پر اهي سڀ پنهنجي شاعريءَ ۾ زنده آهن. گهڻو ڪري انهن جي شاعري بہ عشقيا هئي. ان عمر جي شاعرن لاءِ مشهور آهي تہ ڪين عشق جي بيماري لڳل هوندي آهي.

هن وقت سندس ٺيٺ پڪڙ شاعري جو ڪتاب بہ اسان جي هٿن ۾ آهي ۽ اسان جڏهن هن جي شاعري پڙهون ٿا تہ هوُ اسان جي اکين ۾ زنده آهي. مونکي سندس شاعري پڙهندي محسوس ٿيو تہ هي انهن نوجوان شاعرن مان آهي جن ڪڏهن بہ سياسي جدوجهد ۾ هلندي، سنڌ جي سونهن ورونهن ۽ آزادي لاءِ خواب ڏسندي عام نعرن جو سهارو نہ ورتو ۽ صرف پاڻ سان گفتگو ڪئي آهي. چاڪاڻ تہ هن جڏهن شاعريءَ ۾ اڏامڻ چاهيو تہ سياسي جدوجهد جا اڪثر مورچا ۽ اهڃاڻ يا تہ بلڪل مٽجي چڪا هئا يا تڏا ويڙهہ جاري هئي ۽ پوئتي رڳو ڏنڌليون ڪهاڻيون رهجي ويون. بلڪل پراڻين تصويرن وانگر انهن جا اصل رنگ اڏامي ويا هئا.

ان رهجي ويل اهڃاڻن ۾ ائين ٿو لڳي جڻ تہ سنڌ جي هاڻوڪي شاعري ۾ ان فرق جي سنهي لڪير بہ مٽجي وئي

آهي جيڪا درباري ۽ آزاد خياليءَ کي واضح ڪري ٿي. چاڪاڻ ته سماجي حالتون ۽ پيداواري طريقا به تبديل ٿي ويا آهن جن انساني روايتي زندگيءَ تي وڏا اثر ڇڏيا آهن.

حسين سرور پنهنجي شاعريءَ ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ ۾ رنگ ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هڪڙو سادو خيال آهي، فطري حسناڪين کان خالي پر هن جو پنهنجو رانديڪو آهي. دل ئي دل ۾ احتجاج آهي.

”او سنڌي تنهنجي حال مٿان،
مان روئان يا حيران ٿيان.
تو پاڻيءَ جي هڪ واري تان،
آ پنهنجو سنڌي ڀاءُ ڪُنو“

هن تيز رفتار مواصلات واري دور ۾ غربت ۽ معاشي مسئلن ڪيس اڪيلو ڪري ڇڏيو هو. ڪيس مهلت نه ملي ته هوُ انهن مسئلن مان آجو ٿي نڪري ها جتي هن جا همعصر شاعر پهچڻ جي جستجو ڪري رهيا آهن. ان ڪري هن جي شاعري پڙهندي لڳو ته هوُ سياسي جدوجهد واري ميدان بدران پنهنجي اندر جي دريءَ مان دنيا کي ڏسي رهيو هو.

بهرحال، اسان جو هي دوست شاعر ٻہ انهن پکين جي وڳر ۾ شامل هو جيڪي شاعراڻي افق تي معمول جي اڏام تي هئا پر اوچتو هن جا پر سندس سات نہ ڏئي سگهيا ۽ هي پنهنجي تخليقي اڏام واري رستي تان ٽڙي هوائن ۾ وکري ويو. آئون سندس ئي لفظن ۾ ڪيس ياد ڪريان ٿو:

”ڪنارن تي بيٺا رهيا سون اسان ۽،
تصور اسان جو پرينءَ پر هليو ويو.
جڏهن شهر جانا مٽيو ذوق پنهنجو،
ٻہ ٽي لڙڪ هاري سُخنور هليو ويو“.

# غزل

## غزل

اسان پيا جِني سان ڪريون محبتون،
اسان ڏي نہ تِن جون وريون محبتون.

سدا سونهن جي ديوتائن اڳيان،
ڏيئا ٿي اسان جون ٻريون محبتون.

زماني تہ آهن ڏڪاريون گهٽيون،
اسان جون نہ ليڪن ٽريون محبتون.

سياٽپ نہ سمجهي سگهيون سونهن جي،
اسان جون بہ آهن چريون محبتون.

جڏهن ڪنهن بہ مُرڪي اسان کي تڪيو،
اسان جي اکين ۾ تريون محبتون.

محبت ڪان خالي زماني ۾ ڇو..؟
اسان ۾ ئي قدرت ڀريون محبتون.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

منهنجو ڪو ديوانو ناهي،
جُڙيل ڪو افسانو ناهي.

پاڻ هلان مان ٺاهي جوڙي،
اهڙو ڪو ٻہ بهانو ناهي.

هُن جي نيڻن مان جو پيتم،
ياد رهيو مئخانو ناهي.

درد سگھين تون منهنجو ماپي،
تو ڏي سو پئمانو ناهي.

خالي گھر ۾ تنها آهيان،
ڇا هي ڪو ويرانو ناهي؟

سُک وراڻيو ويندي مون کي،
تو سان ڪو يارانو ناهي.

گھاءُ ٻہ آخر ڀرجي ويندو،
گولي آ ڪو طعنو ناهي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

ڏڪاريئي دل منجھان آخر،
ھُيس ڪعبي ۾ جڻ ڪافر.

اياڻو عشق ھو منھنجو،
۽ تنھنجي سونھن آ شاطر.

محبت جنس آ تو لئہ،
ٻٽيل تون پيار جو تاجر.

ڇڏيو مون لوڪ تو خاطر،
ڇڏيو تو لوڪ جي خاطر.

جمالا مون تہ چاھيا پر،
ٻڻايئي درد جو ذاڪر.

ڏياريان ياد ڇا توکي،
وسارڻ جو بہ تون ماھر.

شھر بد ذوق ۾ سرور
سڏائي ڇا ڪندين شاعر؟

*

## غزل

اسان کان بي خبر آهين،
اسان کي ياد پر آهين.

حياتي آ وڏي ويندي،
جڏهن ايندو نظر آهين.

اسان آهيون هتين خالي،
مهانگو تون وکر آهين.

ڳلن جهڙو سچو آهين،
رڳي دل جو پٿر آهين.

لکان تو لاءِ ٿو ليکن
ڪٿي پڙهندو اکر آهين؟

*

## غزل

لنگھين جي پر مان نشا ٿي ويندا،
چپن تان گفتا خطا ٿي ويندا.

نظر جي سيڙپ ڪئي مون آهي،
ڏسين جي تون پيي نفعا ٿي ويندا.

خموش جيون چڱو ٿي ويندو،
جي ٿهڪ تنهنجا عطا ٿي ويندا.

ڪيا سين قابو خيال جن تي،
ردي جي زينت پنا ٿي ويندا.

محبتن جو هٿيو جي پاڇو،
اشعار منهنجا چسا ٿي ويندا.

*

## غزل

محبتون ڪندو رهيس،
حماقتون ڪندو رهيس.

امير چاهه ۾ هُيس،
سخاوتون ڪندو رهيس.

اڳهامجي وجان ڪٿي،
عطاعتون ڪندو رهيس.

خطا بہ ڪا نہ هئي مگر،
وضاحتون ڪندو رهيس.

ڪتاب درد ساڻ هو،
تلاوتون ڪندو رهيس.

اڪيلي پڻ سان دوستو،
رفاقتون ڪندو رهيس.

خزانا ياد جا هيم،
حفاظتون ڪندو رهيس.

*

## غزل

دنياداري زور اسان کان،
اڄ جي ياري زور اسان کان.

گُمنائيءَ سان ياراڻو آ،
ناماچاري زور اسان کان.

طوفانن کي ڪهڙو روڪيون؟
مُٺ ۾ واري زور اسان کان.

اُن جا تارا ڳالهه پري جي،
هڪڙي ناري زور اسان کان.

ڪک پن ڪانا پنهنجا جهوپا،
مُند ملهاري زور اسان کان.

تير ۽ ڀالا ڪجهه پي ناهن،
اڪ جي آري زور اسان کان.

سرور ڪهڙا نانءُ ڳڻايون؟
دنيا ساري زور اسان کان.

*

## غزل

سمئہ کي قيد کر ڪڏھن،
اکين ۾ سمنڊ پر ڪڏھن.

نظر ۾ شهر ٿو وسئي،
اندر جو جانچ بر ڪڏھن.

پتين جيان نہ ڳهار تون،
وشالُ بڻج در ڪڏھن.

وجود ھي ڳرو ڇڏي،
هوا ۾ جوڙ گهر ڪڏھن.

وٺي ڪان پوءِ ٿو اچين،
سُکي ۾ آءُ تر ڪڏھن.

ٻُکن ۾ پاھ جسم سان،
خدا هلاءِ هر ڪڏھن.

سدائين سخت ٿو رهين،
نرم بہ ٿي ۽ ور ڪڏھن.

وھن ٿا چاھ وھڪرا،
حسين تون بہ تر ڪڏھن.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

چپن تي مرڪ پيي آهي اکين ۾ پيي نمي آهي،
بل آخر درد ۾ ٻُولهي اسان ورتي خوشي آهي.

اسان هون سونهن تان واريا، سان لئہ پيار آ پوڄا،
محبت دين ٿا سمجهون، سڄاٽپ عاشقي آهي.

اسان جي دل گداگر آ، اوهان ڏي سونهن جي دولت،
ڏيو ڪي ديد جا سڪا اکين جهولي جهلي آهي.

رڙن ياڪر پيا منهنجا ڇُهڻ لئہ اڱريون آيتون،
چپن ڪي پيي سڪائيندي پرين تنهنجي چُمي آهي.

گهڙي پل ئي سهي ليڪن ملي مون کي تہ ڄاتو مون،
محبت زندگي آهي محبت زندگي آهي.

ڪٽائون بهشت جون واعظ بڪايل پيٽ چا ڄاڻي،
بکئي ماني جي پورن ۾ سندي جنت پسي آهي.

اکين تي بار هو جيڪو ٿيو اڄ نيٺ سو هلڪو،
سڀن سپنن ڪئي گڏجي اچانڪ خودڪشي آهي.

ڪوي گمنام آهيان مان، نہ ڪوئي ميت آ منهنجو
ڪلي گڏ شاعري مون سان رني گڏ شاعري آهي.

*

## غزل

ذهن ۾ شعوري ڏيئن کي جلايو،
انڌيرن کي هاڻي اندر مان پڇايو.

ڪتابن کي خالي نہ گهر ۾ سجايو،
پڙهو پاڻ پيي، ۽ ٻين کي پڙهايو.

ثقافت سجاڻپ آ قومن جي سائين،
سجاڻپ نہ هر هر وڳن جان مٽايو.

لتاڙي ويون چنڊُ پيي غير قومون،
اوهان پيا مئن جي دڙي کي پڏايو.

عمل جي بہ دنيا ۾ داخل ٿيو ڪو،
نلها يار نعرا نہ هاڻي لڳايو.

سجي سنڌ پاڇو پرين جو تہ آهي.
قبيلن جا جهيڙا خدارا گهٽايو.

*

# غزل

ڪٽي پاڻ سان جڻ ڊسمبر هليو ويو،
ڏيئي جون مون کي ستمگر هليو ويو.

عبادت ڪرڻ جو جڏهن شوق جاڳيو،
چريو من اسان جو سڄڻ در هليو ويو.

ڪنارن تي بيٺا رهيا سون اسان ۽،
تصور اسان جو پرئين پر هليو ويو.

دلين کي ڳنڍڻ لئہ سڀ ڪجهہ لٽائي،
پڳل دل ڪٽي اڄ تونگر هليو ويو.

پڪا گهر پراوا تڪيندي تڪيندي،
اسان جي هٿن مان ڪچو گهر هليو ويو.

جڏهن شهر جانا مٽيو ذوق پنهنجو،
ٻہ ٽي لڙڪ هاري سخنور هليو ويو.

*

## غزل

زماني هٿان مان سٽيل ٿو رهان،
زماني کان تڏهن ڪٽيل ٿو رهان.

ڇٽي لوڻ ڪيڏو وتن يار ٿا،
پتو پيي اٿن مان وڍيل ٿو رهان.

تحرڪ نہ ماڻي حياتي سگهي،
رديءَ جي پنن جان سٽيل ٿو رهان.

نڪو حال منهنجو نڪو آئيندو،
ويل وقت سان بس ڳنڍيل ٿو رهان.

اندر جو نہ واقف رهيو ڪو هتي،
بظاهر سين جو رٽيل ٿو رهان.

مزارن تي آهيان رکيل ڪو ڏيئو،
تڏهن ڏينهن جو پيي ٻريل ٿو رهان.

خوشيءَ ۾ تہ ناهن لکيا شعر هي،
عذابن ۾ اڪثر رچيل ٿو رهان.

*

## غزل

جڏهن بہ اسان آ پسي آرسي،
اسان کي لڳي آ چسي آرسي.

زمان جي آڏو ڪئي سون اگر،
زماني هٿن مان کسي آرسي.

ٽڪيو عڪس منهنجو مٿس ڪو نہ ڪو،
پرينءَ جي بہ دل آ لسي آرسي.

سُنن کي هميشہ وٽي آ مگر،
ڪَسن کي لڳي ٿي ڪسي آرسي.

اکين ۾ ڏسڻ جي نہ طاقت رهي،
اسان تائين جڏهن رسي آرسي.

*

## غزل

عاشقيءَ ڇا ڏنو؟
دلبريءَ ڇا ڏنو؟

چاهہ مون کان وٺي
چوڪريءَ ڇا ڏنو؟

شڪ پيدا ٿيو،
دوستيءَ ڇا ڏنو؟

بس ڏڪارن سوا،
سادگيءَ ڇا ڏنو؟

خون پي ٿو چوي،
مئڪشي ڇا ڏنو؟

ڪم نظر سوچيو،
آرسيءَ ڇا ڏنو؟

زندگي ٿي پڇي،
زندگيءَ ڇا ڏنو؟

گهر ڪچي ٿوڪيم،
شاعريءَ ڇا ڏنو؟

*

## غزل

پرين جي ياد جا پنڇي اڱڻ دل تي لٿا آهن،
اڏائڻ سان نٿا اڏرن اڏامڻ کان ڪِرا آهن.

شفاءِ جهڙا سڄڻ سائين اوهان کان پو حياتيءَ ۾،
انڌيون راتيون ويون ٻڏجي سمورا ڏڻ جڏا آهن.

اسان جو من به آهي جڻ پيل ويران پٽن وانگي،
اڇي لڏڙين جيان سورن جتي لاٿا لڏا آهن.

بظاهر عيد جو ڏڻ آ، پيو مرڪي ملي هر ڪو،
اندر سڀ جو پراڻو آ نوان خالي وڳا آهن.

سمئہ جي پيي مسيحا کان ورڻ مشڪل وڃن ٿيندا،
اهي جتي ڳاها اگهورن جا بنهہ گهرا گهٽا آهن.؟

اسان ڪي پيار ۾ حاصل سڄي جاگير ۾ شامل،
ٻٽي خطڙا پڳل چوڙيون زنگيل ٿورا ڇلا آهن.

انڌن ماڻهن جي رستي ۾ ڪپايون آرسيون وينا،
تڏهن هر سمت کان سرور رڳو پٿر لڳا آهن.
*

## غزل

هنن صدمن کي روکي کو،
سندم اُڏمن کي روکي کو.

رکن ٽاندا ٽا نيٽن ۾،
چرين سپنن کي روکي کو.

کٽي ماضي نہ پئي جاڳي،
مڌر نغمن کي روکي کو.

ٽٽڻ کان روز چاهت ۾،
ڪچن قسمن کي روکي کو.

سڙن ٽا ساھ پي هاٽي،
گرم جسمن کي روکي کو.

مسين آيو پرين آهي،
اڙي لمحن کي روکي کو.

وزن بحرن جي کوٽن سان،
پيو جذبن کي روکي کو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

توکي چنتا تنهنجي گھر جي،
مون کي ڳڻتي ساري تر جي.

گوڙاٽوءَ تي ليڪڪ وڪيا،
حيرت ۾ آ واري ٿر جي.

سپنا ڪھڙا سالم هوندس،
ڏيءَ لڳي ٿي پنھنجي ور جي.

منهنجو هيرو هاري آهي
عظمت ڄاڻان جنهن جي هر جي.

ڏي وٺ جي آ، هن جي دنيا،
چاهت ڪھڙي سوداگر جي.

اُڀ جا تارا ڪير ڳڻي ٿو،
مون کي ڳولها پنھنجي در جي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

ڊوڙي ڊوڙي در تي آئي،
ليڪي دل ڪاڳر تي آئي.

ڪاڳر اڇلي مون ڏي پٽڪي،
دل آ تو جوڪر تي آئي.

پاڻي پي ٽيو پاڻي آهي،
ڇوري جو شاور تي آئي.

پئسن تي ئي پيار مليو آ،
محبوبا آرڊر تي آئي.

پنهنجن تي پي بار ٿيو آ،
پيري ڇا سرور تي آئي.

*

## غزل

ڏيان ۾ آ ڏڪار تنهنجي،
چپن تي ليڪن پچار تنهنجي.

گلن ۾ تو کي مڃيو آ مرشد،
مريد آهي بهار تنهنجي.

چميءَ سان مون کي ڪيئي جو قرضي،
نتي لهي سا اڌار تنهنجي.

حيات خرچي ڇڏي مون توتي،
تڏهن ٻه مون ڏي ميار تنهنجي.

تڏهن ٻه لهجن ۾ خار سانديل،
گلن ۾ نبري چمار تنهنجي.

پڌر ۾ اڇليل ”حسين“ آهي،
خلا ۾ جاري اڌار تنهنجي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

نظر انداز ٿيو آهيان،
۽ بي انداز ٿيو آهيان.

پروڙي ڪونہ ٿو ڪوئي،
لڳو جڻ راز ٿيو آهيان.

ڇُهن ڪي آڱريون مون کي،
وڄڻ لئہ ساز ٿيو آهيان.

ٻُڌين ڇو ڪونہ ٿي سائڻ؟
ڇِنو آواز ٿيو آهيان.

اڇي پرڇائي ڪو شايد،
تڏهن ناراض ٿيو آهيان.

*

## غزل

صدين جي دردن ۾ ورتل اسان جي زندگي آهي،
نہ مرڪون ڀوڳ ۽ چرچا نہ ڪائي ڀي خوشي آهي.

نہ چاهت جي ڪا چانڊوڪي اسان جي ڀاڱ ۾ آئي،
انڌيرا ئي رهيا حاوِي رُني جڻ روشني آهي.

ڪنواري جسم جي خوشبوءِ نہ ساهن ۾ سمائي سين،
اکين اوتِي نہ سندرتا ڪٿا دل جي چَسِي آهي.

نہ ڪو پازيب جو ڇمڪو نہ ڇُوڙين جو ئي ڪو سرگم،
ڏِکَهي ٿي ماٺ جي موسم سُڃي دل جي گهِٽي آهي.

ڏِٺاسين خواب جيڪي ڀي رهيا سي خواب ئي آخر،
اسان سان ساڀيائن ڀي ڪئي ڪيڏي ٺڳي آهي.

نہ ماڻيوسين پرين ڪوئي نہ ڪنهن جا ئي پرين ٿياسين،
اڙي او عشق آڏو تو ٿيو سرور لڄِي آهي.

*

## غزل

جڏهن زلفون سنواري ٿي،
رڳُن ۾ باهه ٻاري ٿي.

وندي ٿِي غير سان مرڪون،
ڦٽن تي لوڻ هاري ٿي.

ٻَچيا گولين منجهان جيڪي،
مِٺي مُرڪي سي ماري ٿي.

چِپَن تي مُرڪَ آڻي ٿي،
اکين سان پَر ڌِڪاري ٿي.

اِئين چاهي پئي مون کي،
لڳو جڻُ رَسم پاري ٿي.

*

# غزل

اسان خواب جوتي نگاهُن جي هَرَ ۾،
پيا دَردُ کيڙيون حقيقت جي ترَ ۾.

ڏسِي نيڻ آلا پيو عشق مرڪِي،
چيائين تہ آيو مَسين آهين وَرَ ۾.

اسان جو بہ جيئڻ ائين آ جَهان ۾،
پيو باپِيهو جَڻُ جِيئي پِياسي ٿَرَ ۾.

ڏسو رول بادل جيان تي ويا هُون،
ليون ئي نٿا هاڻ پنهنجي ئي گهَرَ ۾.

اسان جي اکين ۾ سدا عَڪسَ جن جا،
ٽِڪياسين نہ پل پي تِني جي نظر ۾.

*

## غزل

راتِ چوَن تا ڏياري هُئي،
جرڪِي ذرتي سارِي هُئي.

نِينگرُ هر ڪو مُرڪيو پئي ۽
مَهڪِي هر ڪا نارِي هُئي.

ائين لڳو ٿي ڌرتيءَ تي جڻ،
چندِ چانڊوڪي هاري هُئي.

ڪير ﺀِ وَنهِتَلَ رات لِڳي ٿي،
رات جا پهرين ڪاري هُئي.

ننڍڙي ڏيئي پاڻ ڪي ٻاري،
ڪيڏي اُوندهِ ٽاري هُئي.

هِندُو مسلم هڪ ٿي وينا،
رات تہ ڪيڏي پياري هُئي.

*

# غزل

چڏيو تڪرار جا قصا،
وندبيو ڪي پيار جا قصا.

ڏِهاڙو پيار جو آهي،
هُجن دلدار جا قصا.

پَچارُون غَير جُون ڇا لئہ؟
ٻڌايو يار جا قصا.

گُلَن جُون ڳالهڙيون اوريو،
ڇَڏي ڏيو خارَ جا قصا.

اَچو ڳالهين جي ٽيبل تي،
وساريو وار جا قصا.

اندر پنهنجو بہ جانچي ڪو،
رڳو سنسار جا قصا؟

ٻُڪايل پيٽ ڇا ڄاڻي،
لب و رخسار جا قصا.

اُتَم مهراڻ ڪان ناهن،
پلاري پار جا قصا.

رهن دنيا ۾ تا آخر،
پلي ڪردار جا قصا.

ڏِنوسين پيار مان ڪنهن کي،
جُڙيا اخبار جا قصا.

پرينءَ جِي سوڀ جي خاطر،
ٻڌياسين هارَ جا قصا

لِکين تو شعر جي سرور،
لڳا بيڪار جا قصا.

*

# غزل

وِساريل باب تي جاناءِ
وَياسين خواب تي جانا.

سَمَئِہ جي شوخ نيڻن مانءِ
ڪِرياسين آبُ تي جانا.

رکين ٿي خار لهجي ۾،
ڪڏهن گلاب ٿي جانا.

اندر ۾ اوتيان توکيءِ
لڳين شراب ٿي جانا.

ڇڏيو جي تو تہ جيون پوءِ
ويو عذاب ٿي جانا.

ملين جي تون تہ جيئنداسينءِ
صفا نواب ٿي جانا.

*

# غزل

اوهان کان ڌار آ جيون،
سڄو بيڪار آ جيون.

ويو ٿي سمجهہ کان ٻاهِر،
وڏو آزار آ جيون.

پيو ٿو پاڻ سان اُلجهان،
بڻيو تڪرار آ جيون.

ڪري پنهنجو نٿو ڪوئي،
نِڌڻڪو ٻار آ جيون.

نہ چاهيندي بہ گهاريان پيو،
صفا لاچار آ جيون.

غريبي حال ۾ سرور،
لڳو اڄ گار آ جيون.

*

## غزل

منهنجو آ دلدار انوکو،
جنهن سان آهي پيار انوکو،

دنيا جا هِن کوڙ خفا پَرَ،
چاهت جو آزار انوکو.

تِيرَ تَرارُون کجهه پيي ناهن،
نيڻن جو آ وار انوکو.

مئخاني ۾ واعظ آيو،
ظاهر ٿيو تکرار انوکو.

آئون اکيلو کيئن سنياليان؟
يادن جو هي بار انوکو.

شعر تہ هر کو لکندو آ پَرَ،
سرور جو اظهار انوکو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

پنهنجا جڏهن اَنگَ مِلي پيا،
ساهَن کي جڻُ چَنگَ مِلي پيا.

سارَ بہ تنهنجي هوليءَ جهڙي،
سوچن کي پِي رنگَ ملي پيا.

نيڻن ۾ کي نانگَ رکين ٿي،
ڏيهہَ سڀي کي ڏنگَ ملي پيا.

توسان جڏهن جيونُ واڳيُم،
جيئڻ جا کي ڍنگَ ملي پيا.

رولاکيءَ کي ٿاڪُ مليو آ،
وارن جا جو ونگَ ملي پيا.

سرور هاڻي ٻٽڪڻ ڇا جو؟
منزل جا هِنِ دنگَ ملي پيا.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

ٽوپي اجرڪ پٽڪي وارا جاڳيا آهن،
ڌرتيءَ تي جڻ چنڊ ستارا جاڳيا آهن.

بارش ڪان پو ٽر جي هاريءَ هرُ سنڀاريو،
واريءَ ۾ ٻيي ٻنيون ٻارا جاڳيا آهن.

قِبلو پنهنجو هاڻ صحيح ڪر پيرَ وڏيرا،
هيمون هوشوءَ روپلي پارا جاڳيا آهن.

هاڻ نہ سنڌي، سنڌيءَ جو ڪو ويري ٻٽبو،
وستيءَ واهڻ نينهن جا نعرا جاڳيا آهن.

شاهہُ يٽائي واڏايون ٿو توکي ڏي اڄ،
سنڌڙي تنهنجا مارُو سارا جاڳيا آهن.

هاڻي نہ ايندي تبديلي ٻيو ڪڏهن ايندي؟
پيٽ ٻُکيا هي ٻار اُجارا جاڳيا آهن.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

جِيوَن مُٺِ ۾ واري آهي،
جيئڻ ليڪن جاري آهي.

گُلڙن پُنيان ڊوڙي ڊوڙي
ڪندَن سان ٿي ياري آهي.

اُلجهي ڪيڏا نيڻ ويا هِن،
تو جا سينڌ سنواري آهي.

سائي جوين رات آ مون لئہ،
رات جا توسان گهاري آهي.

توڪي چاهي، پاڻيءَ ۾ جڻ!
ڪاغذ ٻيڙي تاري آهي.

توبہ تہ اوبر پاڻي سمجهي،
منهنجي چاهت هاري آهي

.

ٿاري ٿارَي هيٺُو ٻٽيسُ،
تنهنجي سار سگهاري آهي.

واپس مون ڏي ڪانہ وَري آ،
تو جا نند اُڏارِي آهي.

توکان پوءِ تنهائِن ئي،
منهنجي ڪئي پوءِ واري آهي.

پيار جو پنچو پٽڪي پيو تو،
هر دِل ٽُٽَل تاري آهي.

تبديلي چا آٽينڊو سو،
نَسُلي جو واپاري آهي.

پوتارن جي دنيا ۾ جڻ،
سرور قرضي هارِي آهي.
*

## غزل

چَپن تي چپَن کي رکڻ ڏي اَسان کي،
چپَن چاشَ ٿوري چکَڻُ ڏي اَسان کي.

ڪنواري بدن جي آ خوشبو ئي پنهنجي،
پرين واسَ ٿورو ونڻُ ڏي اسان کي.

عبادت ڪرڻ جو وري شوق جاڳيو،
مِٺي پيرَ پنهنجا چُمَڻُ ڏي اسان کي.

شهر ۾ ته تنهنجي رهون پيا ٿا جانا،
ڪڏهن دل ۾ پنهنجي رهڻ ڏي اسان کي.

سدائين ته توکي ٿو پرچايان سانئڻ!
مگر اڄ ته ٿورو رُسَڻُ ڏي اسان کي.

حقيقت ۾ ته توکي نه ماڻي سگهياسين،
بچيا خواب آهن ڏسڻ ڏي اسان کي.

وڻديون حال ڪهڙو؟ ڪندي داڻ ڪهڙو؟
سڪِي دل ئي دل ۾ جلَڻُ ڏي اسان کي.

چَپَن سان ڪُڇَڻ تي جي بندش وجهين ٿي،
غزل گيتَ وايون لکڻ ڏي اسان کي.

زمانا سِکايو تو مرڪڻ ڪان هر هر،
سندي حال تي اڄ کلڻ ڏي اسان کي.
*

## غزل

او چنڊ جي چڪوري،
او ياڳ جي صدوري.

نيڻن سان ڪاٽ هڻندي،
تو دل ڪئي آ چوري.

پئونرا تا پڇن تنهنجو،
رابيل جهڙي چوري.

پيرن ڪي چمان تنهنجي،
مون لاءِ تون سڀوري.

.

دل چيز آهي ڪهڙي،
مون جان تو تان گهوري.

.

سمجهين نٿي تون چاهت،
ڪيڏي آن دل جي پوري.

سرور جو نانءُ لکجان،
دل تنهنجي آ جي ڪوري.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

اسان جي نيڻن ۾ خواب ڪيئي،
مچائي ويئا عذاب ڪيئي.

ذهين ڪيڏو صنم آ منهنجو،
سوال هڪڙو جواب ڪيئي.

هتي ته پيئونرا ضرور ايندا،
ٽڙيل جو آهن گلاب ڪيئي.

سگهي نه چهرو پڙهي اسان جو،
پڙهي ٿي جيڪا ڪتاب ڪيئي.

سمئه جو اونهو سمونڊ آهي،
ٻڏي ويا جنهن ۾ شباب ڪيئي.

گناهه هاڻي ڪرڻ ڏيو ڪو،
ڪمايا آهن ثواب ڪيئي.

*

# غزل

اسان جي دل تي نيڻن سان ٿيو اهڙو ته وار آهي،
رهي ٿي جاڳ نيڻن ۾ ويو ڪسجي قرار آهي.

رڳي مون تي ته ناهن ٿيون نهارون يار جون حاوي،
صنم جي شوخ نيڻن جو هتي هر ڪو شڪار آهي.

پرين جي چاهه جا ڏانوڻ ذهن دل کي پيل آهن،
رهيو پنهنجي ئي جيون تي نه ڪو ئي اختيار آهي.

سڏي پر ۾ وهاري هُو اها ئي آس آهي پر،
لڳي ٿو ياڳ ۾ پنهنجي نه ٻانهن جو ڪو هار آهي.

شڪايت ڇو ڪريون ڪنهنجي، سڄو آ ڏوهه نيڻن جو،
اڙيا هِن جاءِ اهڙيءَ تي وفا جو جِت ڏُڪار آهي.

محبت جو قدر جنهن کي ٿڪي جو پِي نه آ سرور،
هنيلي يار اهڙي تي نه پنهنجي ڪا ميار آهي.
*.

# غزل

جڏهن پيي شام ٿيندي آ، صنم جي سار ايندي آ،
گلابن سان ڪني جيڪا ڪٽي ڪي خار ايندي آ.

ملهاري مُندَ جو چرچو هُلي آ ڳوٺ ۾ ويندو،
جڏهن سانئڻ ڪري آجا سڳين ڪان وار ايندي آ.

چپن تي ماٺ جي موسم اکين ۾ چاهه جي چُرُ پُرُ،
سمائي پاڻ ۾ ڪيڏا سکي اسرار ايندي آ.

هنيلي چالَ سانئڻ جي مٿان سهڪار جوپن جو،
نهارن سان ڪري گهايل سوين ڪنڌار ايندي آ.

گهڻو ٿيو وقت جو منهنجي مني ٻانهن ۾ آئي هئي،
اجان پيي پاڻ مان هُن جي مون ڪي مهڪار ايندي آ.

هجي بازي پلي کهڙي، ڪسو پَر ڀاڳُ آهي جو،
اسان جي ئي تہ حصي ۾ هميشہ هار ايندي آ.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

سارَ جا پنڇي پٽڪن پيا ٿا،
ناهي ڪو آڪيرو تن جو.

يادون پيي ڪي جوڳين جهڙيون،
ٿاڪُ نہ ڪوئي ديرو تن جو.

تو ها ارپيا پيار جا لمحا،
ڪونہ لڌو اڄ پيرو تن جو.

خواب ٿيا جي مِٽِيءَ پيڙا،
پاندُ ويو ٿي ميرو تن جو.

دردن جي ٿي دل آ مون سان،
روز وڌي پيو گهيرو تن جو.

*

## غزل

دغا جي شهر ۾ وفائون ٿيون پٽڪن،
مسافر تہ هليا ويا صدائون ٿيون پٽڪن.

جڏهن کان جهليو عشق جو پاند آهي،
اڳيان منهنجي هر پل سزائون ٿيون پٽڪن.

اسان بند نيڻن کي آخر ڪريون ڪيئن،
جوانيءَ جي اُپَ تي ادائون ٿيون پٽڪن.

ويا دلبريءَ جا زمانا بہ نبري،
صنم جي گهٽيءَ ۾ جفائون ٿيون پٽڪن.

ٻُڌائڻ، ٻُڌَڻ جي هتي ريت ناهي،
دلين جي ئي اندر ڪٿائون ٿيون پٽڪن.

جتي پي ڏيئي جي وڏي جوت آهي،
اُتي ئي تہ سرور هوائون ٿيون پٽڪن.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

ڏور ٿيندو ٿو وڃين ڇو دلربا، آهي تہ خير؟
بي سبب پيو ٿو وڌائين فاصلا، آهي تہ خير؟

روز پيو ايندو هئين ۽ پيار پيو ڏيندو هئين،
بند ٿيندا ٿا وڃن سي سلسلا، آهي تہ خير؟

ناز نخرا پيو سهان تنهجا پيو مان هر گهڙي،
پوءِ پيو آهين خفا او دادلا، آهي تہ خير؟

پيار جا هي معاملا هِن پاڻ ۾ جي درميان،
پيو ڪرائين لوڪَ کان هي فيصلا، آهي تہ خير؟

ساهہُ ٿمُ توسان سلهاڙيل جاڻ ٿئي پر پوءِ پيو،
يار ڏاڍا ڏينهن لاٿئي ڇو پيلا، آهي تہ خير؟

ساٿ هي سارا ڀُلائي پل گهڙيءَ ۾ جانِ من،
غير سان پيو ٿو وڌائين واسطا، آهي تہ خير؟

پاڻ ئي ٿوڙي وئين تون نينهن جو ناتو پرين،
اڄُ وريو آهين اڳڻ او بي وفا، آهي تہ خير؟

پيار جي پرچار پيو ٿو تون ڪرين هر هر پرين،
پيار جا ٽوڙين پيو خود قائدا، آهي تہ خير؟

*

# غزل

دل ۾ ڇمائي ديرو ويٺي غميءَ جي موسم،
ڪو خواب ٿي لڳي جڻ هاڻي خوشيءَ جي موسم.

مُرڪن بجاءِ اڪثر آليون اکيون رهن ٿيون،
آئي نہ راس مون کي ير عاشقيءَ جي موسم.

هر ڏينهن پيي تہ قيدي گهر ۾ ٻٽيل رهي ٿو،
۽ رات جو رهي ٿي آوارگيءَ جي موسم.

منهنجو تہ هوش سارو دلبر ڪٽي هليو ويو،
جيون ۾ ڪاهي آئي ديوانگيءَ جي موسم.

سانوڻ جي ساعتن ۾ منظر پنا سمورا،
دل ۾ اجا بہ جاري آ تشنگيءَ جي موسم.

جنهن کي ڏسڻ جي لاءِ ڇرين جيان ڏُڪان ٿو،
اُن جي اکين ۾ هر پل آ بي رخيءَ جي موسم.

جوين تي ايڏو بانوَر جاني نہ تو جڳاءِ،
مهمان آهي تو وٽ هي دلڪشيءَ جي موسم.

رستن گهٽين گهرن تي آ وحشتن جو واسو،
وئي ديس مان لڏي چڻ آ دلبريءَ جي موسم.

ڏاريا مِلِنِ جا مالڪَ ٻڌجي ويا هٿي پر،
پنهنجن جي گهر ۾ قائم آ مفلسيءَ جي موسم.

هڻ معدني وسيلن هوندي بہ ديس ۾ ڇو؟
بيروزگاري بک ۽ آ بيوسيءَ جي موسم.
*

## غزل

چو وڏيري رئيس ۽ پوتار جون ڳالهيون ڪريون،
چو نہ ڪنهن مسڪين ۽ لاچار جون ڳالهيون ڪريون.

وقت جي سرڪار جي ساراهہ ڪان آهي پلو،
هيمون هوشوءَ روپلي ڪنڌار جون ڳالهيون ڪريون.

زلفَ ڪارا نيڻ ناسي ڳِلَ ڳاڙها پِي چڳا پَرَ،
پاڻ سوريءَ قيد ۽ ٿا دار جون ڳالهيون ڪريون.

جن اسان جي عزتن سان خوب هو ڪلواڙ ڪِيو،
حيف آ تن ساڻ پيا سهڪار جون ڳالهيون ڪريون !

تون تہ پنهنجي ذات تائين ٿي وئين محدود پَرَ،
پاڻ ٿا واڪي وڏي سنسار جون ڳالهيون ڪريون.

محبتن جي نانءُ تي جو ٿي پيو تخليق آ،
آ تہ ڪچري تي پيل ان ٻار جون ڳالهيون ڪريون.

تون پلي ساراهہ پيو پرفيوم پئرس جا پرين،
پاڻ مِٽِيءَ جي پيا مهڪار جون ڳالهيون ڪريون،

تي نڍڙڪو پيو مري هر دور ۾ جيڪو هتي،
ڪو ڏسي ڪنهن ساڻ اُنَ فنڪار جون ڳالهيون ڪريون.

چندَ تي دنيا وڃين آهي پُڄڳي پر دوستو،
پاڻ پيا بس يار جي ديدار جون ڳالهيون ڪريون؟

ڪو ٻُڌيئي ڪونہ پيو دل ساڻ سرور جي ڪٿا،
جڻُ اسان پيا بس ائين بيڪار جون ڳالهيون ڪريون.

*

## غزل

جاڳ تي پئي ڪَنن ڏوهه ڪنهن کي ڏجي؟
خواب ٿيا بي ڪفن ڏوهه ڪنهن کي ڏجي؟

بي وَڙَن سان وجي نيڻ منهنجا اڙيا،
پورا پورا ٿيو مَنُ ڏوهه ڪنهن کي ڏجي؟

دِل تہ سُندَر آ پر دل ڏسي ڪير ٿو؟
هرڪو جانچي ٿو تَنُ ڏوهه ڪنهن کي ڏجي؟

پئونر پٽڪن پيا در بدر بربلون،
ڪنهن تہ پيليو چمن ڏوهه ڪنهن کي ڏجي؟

لائون جنهن سان لڏئي پيءُ جيڏو هئس،
اُجَ ۾ ٿس بدن ڏوهه ڪنهن کي ڏجي؟

گند جي ڍيرَ تي ٻار مرندو ڏسي،
روئي پُٽڪيو گگنُ ڏوهه ڪنهن کي ڏجي؟

رودِ رستا گهٽيون وحشتون وحشتون،
سوچ ۾ آ ذهن ڏوهه ڪنهن کي ڏجي؟

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

کنهن کي وينو ساري ڪوئي،
نيرَ پيو تو هاري ڪوئي.

سَپنن جون ڪي ٻيڙيون ٺاهي،
نيڻن ۾ پيو تاري ڪوئي.

پتر دل وارن جي خاطر،
پاڻ کي وينو ڳاري ڪوئي.

هوڏي ماڻهن اڳيان ويهي،
جذبن کي پيو ماري ڪوئي.

خالي گهر ۾ تنها گهاري،
ڏونگر پيو ڄڻ ڏاري ڪوئي.

سُورن جو هيراڪ ويو ٿي،
خوشين کي پيو ٿاري ڪوئي.

دل جون ڳالهيون چندبَ سان اوري،
دل کي ٿو ڄڻ ناري ڪوئي.

نيٺ ته ايندو موٽي سرور،
آس ڏيئا پيو ٻاري ڪوئي.

*

## غزل

چاھہ نہ ڪڏھن آڻي ٿي،
گھاءَ ڏيڻ ئي ڄاڻي ٿي.

مُرڪ نہ ڪڏھن آڇي ٿي،
اکڙيون ئي بس تاڻي ٿي.

پاڻُ نہ ڪڏھن ايندي آھي،
پنھنجي ياد اُماڻي ٿي.

پيار ڪرڻ پيي ڪينَ ٿي ڄاڻي،
پيار کي جا واکاڻي ٿي.

منھنجو چينُ ڦُرائي سانئڻ،
چينُ کو شايد ماڻي ٿي.

پيار گھڙيون وٺُ ماڻي سرور،
جيون لاٽَ اُجھاڻي ٿي.
*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

وري نيڻ ڪنهن سان ملائي مان وينسُ،
وري آس ڪوڙي لڳائي مان وينسُ.

وري ڪنهن جي نيڻن جي جادوگريءَ ۾،
اچي پاڻ يارو ڦُرائي مان وينسُ.

وري نيڻ موڙي حقيقت ڪان پَل ۾،
منجهنِ خواب ڪيئي سجائي مان وينسُ.

وري مانُ ڪنهن جو وڌائڻ جي خاطر،
سڄو پنهجو رتبو ڀُلائي مان وينسُ.

وري پيار خاطر وري چاهه خاطر،
نوان درد ڪيئي پرائي مان وينسُ.

*

## غزل

پَسِي پهريون دفعو توکي، چڙهيا جيکي هُيا سانئڻ،
اجان ٻيي منهنجي نيٽن ۾ اُهي ساڳيا خمار آهن.

آهي منزل ٻه ساڳي ۽ اَهيون ٻئي آشنا پو ٻيي ،
چني رستا کيا چالئہ، مِني مون کان تو ڏار آهن.

وڇوڙا پيار ۾ ايڏا، پرين واجب نہ تو آهن،
سِگهو وَرُ ماٺِ جا پيالا، ويا ٽي يار تار آهن.

سِلو هي پيار ۾ تنهنجي، مليو مون کي آ جانِ من،
چريو سمجهي پنيان منهنجي، پيل پاڙي جا ٻار آهن.

سُٺِي دل جي کٿا يارو، کِليو هکڙو تہ ناهي کو،
تمنائن جي وستيءَ ۾ تماشائي هزار آهن.

چڏڻ هاٽي سِگهو گهُرجي، حَسينن جي تہ وستيءَ کي،
ويا مَتِجي محبت جا هتي سرور معيار آهن.

*

## غزل

جڏهن مَڃَ يادن جا يارو مچن ٿا،
قدم مئڪدي ڏي ڪجي پو وجن ٿا.

رڳي مان نہ ويندو اَهيان مئڪدي ڏي،
سيئي سونهن ماريا اُتي ئي اچن ٿا.

ويل وقت جون جڻ هڙون ڪي کُلَن ٿيون،
جڏهن دور مئہ جا سوايا هلن ٿا.

ڪتا دل جي هر ڪو ٻڌائي جڏهن ٿو،
تڏهن راز ڪيئي پراڻا کُلن ٿا.

ڪري ياد چالون حَسينن جون يارو،
ڪي ڳوڙها ٿا ڳاڙِن تہ ڪيئي کِلن ٿا.

ائين دل کي هلڪو ڪري مئڪدي ۾،
سيئي باکَ ويلي گهرن ڏي ورن ٿا.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

ورهايل محبتون تنهنجون،
گهٽن سان صحبتون تنهنجون.

مُنجهائي يار ٿيون مارِن،
عجب هي عادتون تنهنجون.

ٻٽيون آڪاش جو تارو،
اسان لئہ چاهتون تنهنجون.

خزانہ ڪونہ ٿا گهرجن،
ڪپن ڪي ساعتون تنهنجون.

اڙي او سونهن جي ديوِي،
ڪِٿي هِن نعمتون تنهنجون؟

وندي وچ پيار پو جاني
اکين تي تهمتون تنهنجون.

*

# غزل

سونهن جي دِيوِيءَ مٿان سينگار ٿيندو ٿو وڃي،
وار هڪڙي جي مٿان ٻيو وار ٿيندو ٿو وڃي.

سونهن جا دنيا سڄيءَ ۾ روپ هِن ڪيڏا مگر،
هي انوکو دوستو ديدار ٿيندو ٿو وڃي.

قربَ جي ڪاني پيل ڪا يار جي نيڻن ۾ آ،
هو تہ تڪيندو ٿو وڃي ۽ پيار ٿيندو ٿو وڃي.

ڇا اها ئي پيار جي جادوگري آ دوستو،
رُوح جو ڇڙواڳ هو لاچار ٿيندو ٿو وڃي.

دل جڏهن کان يار جي مصروف ٿي آ پيار ۾،
فعل ٻيو مون لاءِ بس بيڪار ٿيندو ٿو وڃي.

ڳل جيان ٽڙندو وتي کلندو وتي جو لوڪ سان،
منهنجي لاءِ ڇو اهائي خار ٿيندو ٿو وڃي.

جاڳ کي پاسي رکو پر خواب ۾ پيي دوستو،
ڇو اهائي ڏور مون کان يار ٿيندو ٿو وڃي.

راضپي راڻل جي لاءِ پيو ڪريان ڪوشش گهڻي،
موٽ ۾ پر ساڳيو انڪار ٿيندو ٿو وڃي.

ڪجھ ڏيڻ ۽ ڪجھ وٺڻ جي ڳالھ ٿو هر هر ڪري،
پيار پيي دلدار لئہ واپار ٿيندو ٿو وڃي.

يار ڪان ٿي ڏور سرور زندگيءَ جو هر پهر،
دار ڏي ويندڙ ڪوئي ورهوار ٿيندو ٿو وڃي.

*

# غزل

چيڙ نہ تون تڪرار جون ڳالهيون،
ساجن ڪر ڪي پيار جون ڳالهيون
.
مون سان ڪر تون پنهنجون ڳالهيون،
پاسي ڪر سنسار جون ڳالهيون.

دنيا داري ٿيندي پئي تون،
دل جي ڪر واپار جون ڳالهيون.

گلڙن جهڙا ماڻهو تو وٽ،
ڪاٿئون آيون خار جون ڳالهيون.

هر ڪو چاهي عيش پيو ماڻڻ،
ڪو بہ نہ ڄاڻي دار جون ڳالهيون.

سڀ ڪي ڪيڏيون وڻنديون آهن،
پنهنجي پنهنجي يار جون ڳالهيون.

تون ڪيئن سمجهين محلن وارا؟
پيٽ بکايل ٻار جون ڳالهيون.

پنهنجي پير تي پاڻ ڪيو مون،
اوريان ڪيئن تنهن وار جون ڳالهيون.

ڪير ٻُڌي تو دل سان سرور
دل جي هٿِ بيمار جون ڳالهيون.
*

## غزل

ڏُکي زندگي آ،
رُني هر خوشي آ.

حُسن هوڏ ماڻي،
لُڇي عاشقي آ.

گليمر دنيا ۾
مُٺي سادگي آ.

کٽو زر ته پلَ ۾،
ٽُٽِي دوستي آ.

پُجاڻا پرينءَ جي،
وڏي بي وسي آ.

بنا يار سرور،
چسي شاعري آ.

*

## غزل

تنهنجون پياريون اکيون،
سونهن واريون اکيون.

گهُورَ گهايل ڪيو،
چِڻ ڪٽاريون اکيون.

جام توکان گهريم،
تو ڏيکاريون اکيون.

تنهنجي جلوَنِ مٿا،
منهنجون ڪاريون اکيون.

مان به سُندَر لڳان،
ڏي اڏاريون اکيون.

”تون اچين ٿو“ ٻُڌي،
مون اُجاريون اکيون.

تنهنجي قدمن ۾ رکي،
مون ته ٺاريون اکيون.

شل سلامت رهن،
تنهنجون ڪاريون اکيون.

*

## غزل

ملي جا اوهان کي شبابن جي دنيا،
جڙي جڻ اسان لئه عذابن جي دنيا.

ٻين سان ڪلي پيا ملو ۽ هلو پر،
اسان لئه رکو ٿا حجابن جي دنيا!

ملو پلِ نه سائين حقيقي دنيا ۾،
اسان لئه ته ڪافي آ خوابن جي دنيا.

جڏهن کان چڙهيو آ نشو نينهن جو،
لڳي بي اثر ٿي شرابن جي دنيا.

اُهي ساٿ سارا سلامت نه رهندا،
جُڙي ٿي جِنين ۾ حسابن جي دنيا.

وسي نيٺ ڪيفي ويا هر گهٽيءَ ۾،
ٿي ويران آهي ڪتابن جي دنيا.

گذارِن ٿا جيڪي رڍن جان حياتي،
ڪندي چا تنين کي رَبابن جي دنيا.

*

## غزل

اچانڪ ڪا ناري تري ياد آئي،
وساريم گهڙو پر وري ياد آئي.

ذهن دل معطر ويا ٿي اسان جا،
سڳنڌ جي سمنڊ مان تري ياد آئي.

نهارڻ سان مرڪي ڪسي دل ڪٽي وئي،
صنم جي سا جادوگري ياد آئي.

لياڪا ٿي پاتا سڪيءَ جنهن مان هر هر،
سان چئونري جي ننڍڙي دَري ياد آئي.

گهڙيون جي گذاريم مِنيءَ سان پُٺُن تي،
گهڙين تن جي اڄ دلبري ياد آئي
.
وڇوڙي جو سرور سبب ڳولهيم جي،
چريئي چنڊ جي مخبري ياد آئي.
*

## غزل

جيون ڪنهن سان پيار جو نالو،
جيون سُرهِي سار جو نالو.

سامهونءَ وارو پنهنجو آ جي،
جيت بہ آ پو هارَ جو نالو.

پرديسيءَ سان پيار ٿئي جي،
پيار بہ آ سو دارَ جو نالو.

دل آ چِرڪَ پريندي جڏهن،
ڪير ڪٽي ٿو يار جو نالو.

سمجهائڻ سان ڪانہ ٿي سمجهي،
دل آ ضدي ٻار جو نالو.

عشق تون چرچو ڀانءِ نہ سائين،
عشق اٿئي ايثار جو نالو.

سرور ڪي بس پيار ٿو گهرجي،
پيار تہ آ سنسار جو نالو.

*

## غزل

تنھنجي ھر ھڪ ادا،
طلسِمِي آ مِنا،

تنھنجي آمد سبب،
مھڪي ساري فضا.

رُوپُ تنھنجو ڏسي،
ياد آيو خدا.

نيڻ تنھنجا صنم،
جڻ ڪي پيالا ڀِڪا.

وئي ملھاري لڳي،
زلفَ چوڙيئي وڏا.

جي نہ گولين مُئا،
سي تو مُرڪِي ڪُٺا.

تو ڏنو پيار مان،
ٿڪَ سارا لٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون سراپا حُسُن،
آئون عاشق صفا.

آءُ جوڙيون ٻئي،
قُربَ جي ڪا ڪتا.

*

## غزل

عذاب گهر آ اسان جو جِيون،
نسورو ٽر آ اسان جو جِيون.

نهاري هر ڪو ڦٽو ڪري ويو،
ڪَسو وگر آ اسان جو جِيون.

نہ جنهن جي معنيٰ ڪٿي لڀي ٿي،
اهو اکر اسان جو جيون.

سگهياسين ڪنهن جي نہ اُجَ اجهائي،
ڪسارو جِيون آ اسان جو جِيون.

ڇڏي خدا کي ٿا ماڻهو پوڄيون،
سڄو ڪفر آ اسان جو جِيون.

اسان جو هوندي اسان جو ناهي،
عجيب تر آ اسان جو جِيون.

فنا ٿي پَل ۾ وجود ويندو،
مثل ڪڪر آ اسان جو جيون.

*

## غزل

اداس ڏينهڙا اداس راتيون،
وهن ٽيون دل تي غمن جون ڪاتيون.

نہ خط نياپو نہ ڪو اسان لئہ،
درن مان پائي ٿو ڪوئي جهاتيون.

اڪيلي پڻ پيي ڪيو آ پاڳل،
ڪريون پيا ٽا پٽن سان باتيون.

ملڻ پري پر فقط صنم ڪي،
ڏسڻ لئہ آهن اکيون هي آتيون.

نہ ايندو ڪوئي تڏهن بہ سرور،
امُيدون آهن اندر ۾ تاتيون.

*

## غزل

خوشين جو يارو ڏڪار آهي،
غمن جو هر ڪو شڪار آهي.

سرءُ جي موسم اندر ۾ سڀ جي،
نہ ڪنهن جي من ۾ بهار آهي.

اسان جا سپنا حَسين ليڪِن،
حقيقتن کي بخار آهي.

سُڪي پيو ٿو اسان جو سنڌو،
چناب ليڪن چِڪار آهي.

جو پنهنجي ڌَر جي گهري بقا ٿو،
چون ٿا سو ئي غدار آهي.

۽ سنڌ کي جو لُٽي رهيو آ،
بُلند ان جو وقار آهي.

*

## غزل

آس ڪا نراس ٿي،
هر گھڙي اداس ٿي.

ساھہ ۾ لٿو نہ ڪو،
موتئي جو واسُ ٿي.

روز ٿو تہ جوڙيان،
زندگي نہ راس ٿي.

چنڊُ هو رُسي ويو،
ساهِڙي اماس ٿي.

درد آ نِماءَ ۾،
تون رڳو شناس ٿي.

*

## غزل

ڪويل ڪان منو تنهنجو آواز ٿو لڳي،
ٿهڪن ۾ سندءِ شامل ڪو ساز ٿو لڳي.

جنهن ڏي ٿو نهارين سو ٻڏجيو وڃي پهڻ،
نيڻن ۾ لڪيل تنهنجي ڪو راز ٿو لڳي.

دل ڪي تہ ڇُهڻ وارا ملندا هزار پَرَ،
تنهنجو تہ ڪو انوکو انداز ٿو لڳي.

جنهن ويلَ ٿو وارين تون وائي ڪا وڄڻ جي،
ڄڻ روح سندم ٿيندي پرواز ٿو لڳي.

ٿي سال ويا آهن تنهنجي تہ ساٿ ڪي،
سرور ڪي مگر اڄ ٻيي آغاز ٿو لڳي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

عجب زندگيءَ کي رنگن ۾ ڏٺو مون،
ڏکيو ڪو ۽ ڪوئي سکن ۾ ڏٺو مون.

چتيون ڪن جا چولا هميشہ رهيا ۽،
نُوَن روز ڪِن کي وڳن ۾ ڏٺو مون.

ڪو مالڪ ملين جو ڪو عهدي وڏي تي،
ڪو روزيءَ لئہ دردر ڏِکن ۾ ڏٺو مون.

ڪو بنگلن ۾ ڄميو ۽ بنگلن ۾ پليو،
ڪو جيون ڪٽيندي ککن ۾ ڏٺو مون.

بُکئي پيٽ راتيون رهيو جاڳندو ڪو،
ڪو ڏاوَل نندن جي مزن ۾ ڏٺو مون.

جو ڳالهيون ڪري ٿو سنڌوءَ جي حقن جون،
اهو دشمنن جي صفن ۾ ڏٺو مون.

هي سسٽم سماجي بہ مٽجي وڃي شل،
اهو خواب آهي اکين ۾ ڏٺو مون.

*

## غزل

ڳنڍي نينهن ناتو ڇنڻ ڪونہ آيو،
اسان کي اوهان کان رُسَڻ ڪونہ آيو.

اسان ڏي هُيو جو ڏنوسين اوهان کي،
ڪڏهن پَر اوهان کان وڻڻ ڪونہ آيو.

اوهان در هميشہ جهڪايو آ سِرَ کي،
ڪڏهن پلجي در ٻئي جهڪڻ ڪونہ آيو.

غلامي آ نيٽن قبولي اوهان جي،
اوهان کي ڇڏي ٻيو ڏسڻ ڪونہ آيو.

اوهان ناهيو جنهن ۾ اسان ساڻ شامل،
سو نيٽن کي سپنُو ليڻ ڪونہ آيو.

اوهان تي ئي سرور لکيو آ غزل هي،
ڪريون ڇا ٻين تي لکڻ ڪونہ آيو.

*

## غزل

هٿن مان تون هٿڙا ڇڏائي هليو وئين،
اسان کي تہ راڻل رُلائي هليو وئين.

اسان نانءُ تنهنجي ڪيو آ هي جِيون،
مگر غيرَ جو تون سڏائي هليو وئين.

اسان سان ڪيا تو وچن جي وفا جا،
سمورا سي جاني ڀُلائي هليو وئين.

سبب ڇا هيو تو ڪيا ڇو ڪِنارا،
بِنا تون اسان کي ٻُڌائي هليو وئين.

هُئي آس توکي جا پائڻ جي سرور،
مٿيءَ ۾ تہ اُنَ کي مِلائي هليو وئين.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

حَسينن جي چنچل ادائن آ ماريو،
مِثل تيرَ قاتل نگاهن آ ماريو.

ڪِلي جو ملي ٿو سو پنھنجو ٿي سمجھي،
چَريءَ دل جي اھڙين خطائن آ ماريو.

ستارن جو مولا ڪري ٿو نہ ليکا،
زماني جي ليڪِن خدائن آ ماريو.

پياري زھر ۾ چوَن ٿا جيئڻ لئہ،
عجب دلبرن جي سزائن آ ماريو.

ڏجي ڏوھ کھڙو ٿا سھڻن کي سوچيون،
اسان کي تہ پنھنجين وفائن آ ماريو.

*

## غزل

نيٺ تہ توکان وِسري ويندس،
تنهنجي دل تان اُتري ويندس.

تنهنجي دل جي پَربي مون مان،
سوچ مان تنهنجي نڪري ويندس.

ٽاڪُ نہ تو وٽ منهنجو رهندو،
پنڇي ٿي پو اُڏري ويندس.

نازڪ آهي منهنجي ڪايا،
هٿ ڪڍيئي جي وکري ويندس.

زهر حياتي جيڪر پائين،
تو لئہ بڻجي مصري ويندس.

سرور پٿڪيل آهيان ليڪن،
تون جي چاهين سُڌري ويندس.

*

## غزل

مورَ جيان پئي ٽِلي ڇوڪِري ڳوٺ جي،
پنهنجي منهن تي کِلي ڇوڪِري ڳوٺ جي.

دل ۾ جِيڪي اٿس ڳالهڙيون مِيت جون،
پئي هوا سان سَلي ڇوڪِري ڳوٺ جي.

وقت جي لام ۾ آس جي پينگهہَ کي،
بس ٻڌيو پئي جهُلي ڇوڪِري ڳوٺ جي.

ڏور هوندي بہ تي پنهنجي دلدار سان،
منجهہ خوابن مِلي ڇوڪِري ڳوٺ جي.

لوڪَ ساري کان ٿي بي خبر پِيار جي،
راهہ تي پئي هَلي ڇوڪِري ڳوٺ جي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

ٿئي ها پلو جي هُو مون کي ملي ها،
سفر زندگيءَ جي ۾ گڏجي هَلي ها.

اَجهو هن جي آمد سان مهڪي پئي ها،
مثل مورَ منهنجي اگڻ تي ٽِلي ها.

جا گذري بنا هن ٻڌايان ها هن کي،
اندر پنهنجو هو پيي تہ مون سان سَلي ها.

نيائي ها ناتو هُو هر حال ۾ پيو،
روئي ها هُو گڏجي ۽ گڏجي کِلي ها
.

ذهن دل ۾ هُن جي فقط مان هُجان ها،
زماني ٻئي کان سندي دِل پَلي ها.

هُجي ها نصيبن ۾ منهنجي اگر هُو،
نہ اکڙيون پُسَن ها نہ ئي دل جَلي ها.

*

## غزل

راھ ۾ تنھنجي رُلندا آھيون،
توکي ڏِسي پو ٽِلندا آھيون.

دِل ۾ دردن ديرا ھوندي،
مُرکي توسان ملندا آھيون.

راحت ارپي توکي راڻل ،
پاڻ پيا بس جلندا آھيون.

پيار جِي بڻجِي تنھنجي اور،
ھيرَ کا ٽذڙي گھُلندا آھيون.

ائين سدا پيو ھلبو توسان،
اڄکلھ جيئن ھلندا آھيون.

*

## غزل

مون کي لڳا جي پيارا ماڻهو،
مَن جا ها سي ڪارا ماڻهو.

مون پئي سمجهيو منهنجا آهن،
غير هُيا پر سارا ماڻهو.

پئسو ئي تو گهرجي سڀ کي،
ڪونہ ڪپن دل وارا ماڻهو.

تِن ئي آلا نيڻ ڪيا اڄ،
نيڻن جا جي تارا ماڻهو.

سُور سليون بہ تہ ڪنهن سان سرور،
سڀ جا سڀ ڏکارا ماڻهو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## طرحي غزل

تو مٺان ئي ته يار مرٽو آ،
ها ائين ئي ته هاڻ جيئٽو آ.

ذهن منهنجي ۾ تو رهين هر پل،
ذهن تنهنجي ۾ هاڻ رهٽو آ.

سوچي لفظن جو وار ڪر سائين،
لفظ واپس ڪڏهن نه ورٽو آ.

حد دخلي وجود تي ويو آ.
تو لڳي اج سياڻ ڌهٽو آ.

تو لڳان ديپ ڪو مزارن جو،
مونکي شب روز ئي ته ٻرٽو آ.

عشق ڪاون سندو ته رستو آ،
شرط پيرين اگهاڙي هلٽو آ.

پنهنجي ڌرتيءَ مٺان ٻه ويڳاڻو،
ڏينهن اهڙو ٻه هاڻ ڏسٽو آ.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

مان پنهنجو پاڻ پيو ڳولهيان،
سندو اهڃاڻ پيو ڳولهيان.

ليان ٿي ڪونہ ٿو آئون،
گهڻو دل ساڻ پيو ڳولهيان.

چنڊي سيني خوشيون ورتيون،
مان تن جو ڇاڻ پيو ڳولهيان.

ڪٿولو واٽجي دل جو،
وفا جو واڻ پيو ڳولهيان.

وڃايم ٻارپڻ جاتي،
اهو ئي پاڻ پيو ڳولهيان.

سمنڊ پائي پيو مون کي،
منو مهراڻ پيو ڳولهيان.

*

## طرحي غزل

سونهن جا ظاهر جتي ڪعبا ٿيا،
عشق جا هر هر اتي سجدا ٿيا.

مرڪ هڪڙي چا ڏنئي او ڇوڪري،
لال ساري لوڪ جا چهرا ٿيا .

چاھ تنهنجي جون پناهون جي ڪسيون،
مهربان پو درد جا پاڇا ٿيا.

لوڪ شاطر هو الاءِ مان ڇريو؟
روز مونسان ايترا دوکا ٿيا.

مون ڪيو تحرير پنهنجو درد هو،
لوڪ لئہ تخليق بس نغما ٿيا.

حال سرور جو نہ ڪو ڄاڻي پيو،
شهر وارا ڪيترا سادا ٿيا...!

*

غزل

مَتارن ڪان پري آهيون،
خُمارن ڪان پري آهيون.

پڌَر تي پنڌُ آ پنهنجو،
ستارن ڪان پري آهيون.

چُميءَ جو موهه چا ڄاڻون،
پيارن ڪان پري آهيون.

حياتي آ پڳل ٻيڙي،
ڪنارن ڪان پري آهيون.

رهون ٿا هيڪلا اڪثر،
سهارن ڪان پري آهيون.

لڳون ٿا ڪوهه جا ڏيڏر،
نظارن ڪان پري آهيون.

ٻُڌايون حال چا سرور،
سُڌارڻ ڪان پري آهيون.

*

## طرحي غزل

ماٺِ تي ماري وجهي کو گنگنايو دوستو،
دردَ ڀي جهومي اُٿن سو گيت ڳايو دوستو.

نير هارڻ سان ڪڏهن ڪي مسئلا ٿيندا نہ حل،
غم گهٽائڻ لاءِ ٿورو مسڪرايو دوستو.

دانَ ۾ جيڪي ملن سي چاهتون ناهن سڄڻ،
سينَ دردر چاهہ جي چو ٿا لڳايو دوستو.

چند مرڪن جي پنيان ٿا دل اچو ڏيئي ڪٿي،
ملهہ دل جو ايترو چو ٿا گهٽايو دوستو.

عشق آهي ولولو ڪو عشق آهي جستجو،
عشق جي ناهي تہ آهي سڀ اجايو دوستو.

رنج پالي دل اندر ۽ گڏ هلڻ کان آ پلو،
ٿهڪَ ڏيئي دوستن کان موڪلايو دوستو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

احساس آ،
هُو خاص آ.

مان خاڪ هو،
الماس آ.

رابيل جو،
هُو واس آ.

هر هر ٺُٺو،
وشواس آ.

مَن درد جو،
اتهاس آ.

جيون سچو،
بڪواس آ.

*

## طرحي غزل

جيون مُٺ ۾ واري آهي،
جيئڻ ليڪن جاري آهي.

گُلڙن پنيان ڊوڙي ڊوڙي،
ڪندن سان ٿي ياري آهي.

اُلجهي ڪيڏا نيڻ ويا هن،
تو جا سينڌ سنواري آهي.

سائي جوين رات آ مون لئه،
رات جا توسان گهاري آهي.

توکي چاهي پاڻيءَ ۾ جڻ،
ڪاغذ ٻيڙي تاري آهي.

تو بہ تہ اوبر پاڻي سمجهي،
چاهت منهنجي هاري آهي.

ٿاري ٿاري هيٺو ٻٽيُس،
تنهنجي سار سگهاري آهي.

واپس مون ڏي ڪانہ وري آ،
تو جا نند اُڏاري آهي.

پيار جو پنڇي پٽڪي پيو تو،
هر دل تٽل ٿاري آهي.

پوتارن جي دنيا ۾ جڻ،
سرور قرضي هاري آهي.
*

# غزل

نوان درد پل پل سهي ٿو چريو،
مگر ٿهڪ ڏيندو رهي ٿو چريو.

ڏِڪارُن جي بارش مٿس ڇا پئي،
ڪچي گهر جيان ڏِس ڍهي ٿو چريو.

عجب ساڻُ هر ڪو تڪي ڪيس ٿو،
لڳو جڻ تہ اُپ مان لهي ٿو چريو.

ايامن پُڄاڻا ڏُنئين آرسي،
سندس عڪس ڪان پيي ٿهي ٿو چريو.

مُسلسل اڪيلو اڪيلو رهي،
سياڻو بہ آخر ٿهي ٿو چريو.
*

## غزل

هتي اظهار ٿيو پوڙهو،
هُتي انڪار ٿيو پوڙهو.

جوانيءَ کان اڳيئي آ،
اسان جو پيار ٿيو پوڙهو.

گُلن جو مختصر جوڀَن،
مگر نہ خار ٿيو پوڙهو.

لَڌو حل ڪو نہ ڪو سائين،
وڃِي تڪرار ٿيو پوڙهو.

ٿياسين پاڻُ پوڙها پر،
نہ دل جو ٻارُ ٿيو پوڙهو.

تڏهن مجتا مِلي هُن کي،
جڏهن فنڪار ٿيو پوڙهو.

ڇَسائي شعر ۾ چلڪي،
خيالِ يار ٿيو پوڙهو!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

هِنن صدمن کي روڪي ڪو،
سندم اُڌمن کي روڪي ڪو.

رَڳن ٽاندا ٽا نيڻن ۾،
چرين سپنن کي روڪي ڪو.

ڪٿي ماضي نہ پئي جاڳي،
مَڌر نغمن کي روڪي ڪو.

ٽُٽَڻ ڪان روز چاهت ۾،
ڪَچن قسَمن کي روڪي ڪو.

سڙن ٿا ساهہ پي هاڻي،
گرم جسمن کي روڪي ڪو.

مَسين آيو پرين آهي،
اڙي لمحن کي روڪي ڪو.

وزن بحرن جي ڪوٺن سان،
پيو جذبن کي روڪي ڪو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

پيدا ٿيو وري،
احساس ڪمتري.

عاقل جهان ۾،
ڦاٽي آ دل چري.

مون کي ڇڏي ويو،
جنهن جي ٻه دل ڀري.

هو پيار پيرسن،
آخر ويو مري.

دل درد ۾ ٻُڏي،
پو ڪا نه ڪا تري.

موُٽي حيات جي،
بس ياد جي پري.

سرور جي زندگي،
در در گداگري.

*

## غزل

پنهنجو ناهي ڪو گهر سائين،
ڀٽڪيو آهيان در در سائين.

دنيا ميلو تنهن ۾ آئون،
تنها تنها اڪثر سائين.

چوٽن پنيان چوٽ لڳي آ،
جڻ ڪو آهيان پٿر سائين.

تو کي سجدو يار ڪيو مون،
تو ئي ڪونيو ڪافي سائين.

نيٺ ته ايندين بارش بڻجي،
آسي دل جو آڱر سائين.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

ورهايل محبتون تنهنجون،
گھٽن سان صحبتون تنهنجون.

مُنجهائي يار ٿيون مارن،
عجب هي عادتون تنهنجون.

ٻٽيون آڪاش جو تارو،
اسان لئہ چاهتون تنهنجون.

خزانا ڪونہ ٿا گھرجن،
ڪپن ڪي ساعتون تنهنجون.

اڙي او سونهن جي ديوي،
ڪٿي هن نعمتون تنهنجون.

وندي وچ پيار پوءِ جاني،
اکين تي تهمتون تنهنجون.

*

## غزل

آس ڪا نرِاس ٿي،
هر گهڙي اداس ٿي.

ساهه ۾ لٿو نہ ڪو،
موتئي جو واس ٿي.

روز ٿو تہ جوڙيان،
زندگيءَ نہ راس ٿي.

چنڊ هو رُسي ويو.
ساهڙي اماس ٿي.

درد آ نماءُ ۾،
تون رُڳو شُناس ٿي.

*

# غزل

اسان سهڪار جا عادي،
اوهان تڪرار جا عادي.

لڪايو چو پيا چهرو،
اسان ديدار جا عادي.

نہ گهرجي جام کو سائين،
اسان تو يار جا عادي.

نتا ويڙهاند چاڙون ڪا،
اسان بس پيار جا عادي.

اوهان جي سوچ جا خاطر،
ٻٽياسون هار جا عادي.

چسي آ شاعري ليڪن،
اسان اظهار جا عادي.

*

# غزل

پنهنجا جڏهن انگ ملي پيا،
ساهن کي جڻ چنگ ملي پيا.

سار بہ تنهنجي هوليءَ جهڙي،
سوچن کي پيي رنگ ملي پيا.

نيڻن ۾ کي نانگ رکين ٿي،
ڏيهہ سڄي کي ڏنگ ملي پيا.

توسان جڏهن جيون واڳيم،
جيئڻ جا کي ڍنگ ملي پيا.

رولاڪيءَ کي ٿاڪ مليو آ،
وارن جا جو ونگ ملي پيا.

سرور هاڻي پيٽکڻ چا جو،
منزل جا هن دنگ ملي پيا.

*

## غزل

نظر انداز ٿيو آهيان،
۽ بي انداز ٿيو آهيان.

پرُوڙي ڪونہ ٿو ڪوئي،
لڳو جڻ راز ٿيو آهيان!

ڇُهن ڪي آڱريون مونکي،
وڄڻ لئہ ساز ٿيو آهيان.

ٻڌين ڇو ڪو نہ ٿي سائڻ؟
ڇِنو آواز ٿيو آهيان.

اچي پرچائي ڪو شايد،
تڏهن ناراض ٿيو آهيان.

*

## غزل

سر مست رهي دل،
بي ضبط رهي دل.

تنهنجي ئي تاتِ ۾،
هر وقت رهي دل.

محبت نہ ڏني تو،
ڪم بخت رهي دل.

تنهنجي بہ اسان لئہ،
ڇو سخت رهي دل؟

دردن جي ديس ۾،
بي انت رهي دل.

تو ڪان پو لوڪ سان،
بي ربط رهي دل.

*

## غزل

لنگهي وئي ڄمار ڪا،
لڌي نہ تو سنيار ڪا.

سڏي سڏي ٿڪي پيس،
ٻڌي نہ تو پڪار ڪا.

ڏيڻ تہ ٿهڪ چاهيم،
ڪري اکين مان لار ڪا.

ڪٽي سون زندگي ائين،
پيڱل پرن اڏار ڪا.

سُڪل پنن جو ڍير مان،
ڪندي بہ ڇا بهار ڪا؟

حسين لاءِ لوڪ ۾،
نہ منتظر نهار ڪا.

*

# غزل

منهنجو آ دلدار انوکو،
جنهن سان آهي پيار انوکو.

دنيا جا هِن کوڙ خفا پر،
چاهت جو آزار انوکو.

تير ترارون ڪجهه پيي ناهن،
نيڻن جو آ وار انوکو.

مئخاني ۾ واعظ آيو،
ظاهر ٿيو تڪرار انوکو.

آئون اڪيلو ڪيئن سنياليان؟
يادن جو هي بار انوکو.

شعر ته هر ڪو لکندو آ پر،
سرور جو اظهار انوکو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

حجابي حسن آ تنهنجو،
اسان جو عشق اوطاقي.

اجايل زندگي منهنجي،
اچو ٻڌجي ڪڏهن ساقي.

زميني ويچ ٻي معنيٰ
اسان جو درد آفاقي.

اسان جي عمر ساديءَ سان،
ڪري پيو وقت چالاڪي.

ملي جي تون وڃين هيڪر،
اسان ڪي ڇا ڪپي باقي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

ڪلي پيو جناب چڻ،
ٽڙي پيو جناب چڻ.

نهار سان خمار ٿيا،
اکيون سندس شراب چڻ.

چمڻ لاءِ دل چوي پئي،
هو پاڪ آ ڪتاب چڻ.

۽ چال جو بہ شان ڏس،
اچي پيو نواب چڻ.

ڏنائين ٺهڪ اوچتو،
ڇڙي پيو رباب چڻ.

ڪتاب ڪائنات ۾،
هو سونهن جو آ باب چڻ.

غزل لکي پرينءَ مٿان،
ڪٿيو اتم ثواب چڻ.

*

## غزل

صدين جي درد ۾ ورتل اسانجي زندگي آهي،
نہ مرڪون ڀوڳ ۽ چرچا نہ ڪائي بہ خوشي آهي.

نہ چاهت جي ڪا چانڊوڪي اسان جي ڀاڳ ۾ آئي،
انڌيرا ئي رهيا حاوي رڻي جڻ روشني آهي.

ڪنواري جسم جي خوشبوءَ نہ ساهن ۾ سمائي سين،
اکين اوتي نہ سندرتا ڪتا دل جي ڇسي آهي.

نڪا پازيب جي ڇم ڇم نہ چوڙين جوئي ڪو سرگم،
ڏکي ٿي ماٺ جي موسم سنجي دل جي گهٽي آهي.

ڏٺا سين خواب جيڪي بہ رهيا خواب آخر،
اسان سان ساپيائن بہ ڪئي ڪيڏي ٺڳي آهي.

نہ ماڻيوسين پرين ڪوئي نہ ڪنهن جا ئي پرين ٿياسين،
اڙي او عشق آڏو تو ٿيو سرور لڄي آهي.

*

## غزل

محبتن جي اثر ۾ آهيون،
زماني پر جي نظر ۾ آهيون.

اسان جو هاٿي ڏٽي ٿئي ڪو،
ازل کان اُچليل پڌر ۾ آهيون.

ليون ٻہ آخر ڪٿان تہ سائين؟
وڃايان پنهنجي ئي گهر ۾ آهيون.

اڃڻ جو چوندو جڏهن ٻہ آهين،
ٿنگيندا نيٽن ڪي در ۾ آهيون.

هلي ٻہ ساري ڪني تي دُنيا،
تڏهن ٻہ تنها اندر ۾ آهيون.

ملي نہ منزل اسان کي ڪائي،
صدين کان سرور سفر ۾ آهيون

# نظم

(نظم)

او سنڌي تنهنجي حال مٿان،
مان روئان يا حيران ٿيان.
تو پاڻيءَ جي هڪ واري تان،
آ پنهنجو سنڌي ياءُ ڪُنو.
هڪ سنڌياڻي بيواهہ ڪيئي،
۽ پوڙهي پيءُ جي چيلهہ ڀَڳئي.
۽ جيجل ماءُ جو نور ڪسيئي،
بس پاڻيءَ جي هڪ واري تان،
او مورک ايڏو ڪِيسُ ڪيئي!
۽ ڦڙتيءَ سان ان حرڪت ڪي،
تو مڙسيءَ جو آ نانءُ ڏنو.
پر هيڏانهن تنهنجي سنڌوءَ ڪي،
ڏِس غيرن آهي بند ڪيو،
سا جاڻ آ توڪي پوري پر،
تو هيٺ آ پنهنجو ڪنڌ ڪيو.
اڄ پوڙهو ساڳيو چيلهہ ڀڳل،
سا سنڌياڻي بيواهہ ٻٽيل،
۽ نور وڃايل سا جيجل،
ٿا توکان هڪڙي ڳالهہ پُڇَن،
هُو پاڻيءَ جو هڪُ وارو هو،
هي سنڌو درياءُ سارو آ.

پوءِ ڪاڏي تنهنجي عزت وئي؟
ءِ ڪاڏي تنهنجي غيرت وئي؟
ڏس ڪاڏي تنهنجي ڦڙتي وئي؟
اڄ ڪاڏي تنهنجي مڙسي وئي؟
*

## نظم

سوچيو هُيم،
جدائيءَ جو هي جاري سفر،
ڪٿي تہ ٿيندو ختم،
ڪٿي تہ منھنجا صنم،
محبت جا ميلا ٿيندا،
اُداس زندگيءَ جا،
سُرھا ڪي ويلا ٿيندا،
چوڏِسائن ۾ رونقون ايندين،
خوشين جون ڪي بارشون ٿينديون،
مگر منھنجي پياري،
سندم سوچ ساري،
رونگ ٿيندي تو ڏسان،
قسمت جو پاڻ سان،
يوڳ ٿيندي تو ڏِسان.
توکي پائڻ لاءِ،
ڪيل ڪوششون سپ،
ناڪام ٿينديون وجن،
تو تائين پھچڻ واريون،
راھون سپ،
جامِ ٿينديون وجن،
افسوس اي منھنجا مَنَ،

کيل ماضيءَ ۾ توسان وچن،
نہ پاري سگھيس مان،
ريتن ۽ رسمن جا اونچا ڪوٽَ،
نہ ڀڳاري سگھيس مان.
*

## نظم

تون ڪهڙو قومي ليڊر آهين؟
تون ڪهڙو سنڌي ليڊر آهين؟
هي ويرِين جون ناپاڪ نگاهون،
ديسَ تي پنهنجي ڳَن پيون ڪاهون،
هي ماروئڙن جون آهون دانهون،
ڄاڻي ٽي اڻ ڄاڻ ٽِنين ڪان،
ننڊَ پَڪيءَ ۾ ستل آهين،
ها غيرن وٽ تون ڪتل آهين،
تو سنڌين جا احساس ۽ جذبا،
ڪيش ڪرائي ايجنسين وٽ،
بس پنهنجو گهر ئي پريو آ،
اڙي تون تہ وڏو ڪو چيٽر آهين،
تون ڪهڙو قومي ليڊر آهين؟
هُت پنجَ ئي درياء ڪائين اوٿل،
هِت هڪڙو سنڌو پو بہ سُڪل؟
هي ڪوئلي ڪاٽون، گئس ذخيرا،
۽ تيل جا پريل ڪوهہَ سمورا،
جي سنڌ امڙ جي ڇاتيءَ ۾ هِن،
پرَ اِبنِ سنڌ جي هٿ ۾ ناهن،
بس غيرَ پيا ٽا تن مان ڪائن،
۽ پنهنجا بيوس پيا واجهائن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي دانهين به ته ڪنهن در دانهين؟
جي ٿا تنهنجي در دانهين،
سڪٽا ڪين دِلاسا ڏين ٿو،
شينهن جيان گجگوڙ ڪري ڪا،
جوشيلي تقرير ڪرين ٿو،
ڇاتيءَ تي ٻئي هٿ هڻي ۽،
هيڏانهن هوڏانهن ٻانهون لوڏي،
همت جو ناٽڪ تون ڪرين ٿو،
پر سچ اهو آ حق اهو آ،
اڄ پيي غيرن اڳيان تون گدڙ آهين،
تون ڪهڙو قومي ليڊر آهين؟
هي سادا سودا سنڌي ماڻهو،
جي ٿي ويا تنهنجي ڪردار ڪان ڇاڻو،
ته به ڪينَ ڪي توکي ڇوندا ڪجهه،
پر ياد اها تون ڳالهه ڪري ڇڏ،
سي ئي اچانڪ ماري ڇڏيندئي،
جن جي اڄ ڪلهه اندر آهين،
تون ڪهڙو قومي ليڊر آهين؟
*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نظم

هر روز ٿو وڪامي
تنهنجو تہ جسم چوري،
مالڪ مگر نہ هن جو
اڄ تائين ٿي سگهيو ڪو.

اڪثرين منجهان ٿو تنهنجي
جو جام ڇلڪي اڪثر،
پيئندڙ ٻہ ڪيترا پر
قطرو نہ پي سگهيو ڪو.

اُهڃاڻ زندگيءَ جا،
تو ۾ ڏسان ٿو سارا،
تنهنجي سهاري ليڪن
پل پي نہ جي سگهيو ڪو.

هي سرد جسم تنهنجو
هر ڪو پيو لتاڙي،
پر روح ۾ نہ تنهنجي
اندر لهي سگهيو ڪو.

*

منهنجي ننڊ،
سپنن جا ڪچا ٻار،
ڪيرائيندي ٿي رهي،
۽ آئون انهن کي،
دفنائيندو ٿو رهان
*

خاموشيءَ کي ختم ڪجي،
ٺهڪ نہ سهي،
سڏڪا ئي سهي.
*

ڪالهہ آئون
پارڪ تي ڏاڍو ڪليو هوس،
ائين لڳو ڄڻ،
ڪنهن پاڳل سان مليو هوس،
ها ڪالهہ مون
پراڻي پيتيءَ مان،
هن جا خط ڪڍي پڙهيا هيا.
*

شاعر جي تنهائي
لفظن جا ٻار ڄڻيندي آ،
ڪي ڪوجها،
تہ ڪي موچارا
ڪي ڪجهہ وقت لاءِ جيئرا رهندا آهن،
تہ ڪن ڪي موت ئي ناهي ايندو.
*

تو ڪڏهن
پکين جا ٿهڪ ٻُڌا آهن ؟
يا وڻن جي اڪيلائي
محسوس ڪئي اٿئي؟
۽ ڪڏهن
بارش ۾
ڪچن گهرن جا لڙڪ
ڏٺا اٿئي؟
اگر نہ
تہ پوءِ
تون شاعر ناهين!!!!
*

# مزدور

اج
شهر جي ڪجهه
اميرن پاران
منهنجو ڏينهن
ملهايو ويو،
مون
ويٺر طور شرڪت ڪئي!!!!
*

اڪثر ماڻهو هڪ جيون ۾
انيڪ محبتون ڪندا آهن،
۽ ڀرپور ڪندا آهن،
پر آئون تہ تنهنجي ڪجهه مرڪن
۽ هڪ اڌ نهار تي مشتمل محبت سان
اجا تائين ڳنڍيو پيو آهيان.
*

# تخليقڪار

تون وڏو تخليقڪار،
انسان پر پتڪڙو،
تنهنجي حساسيت محدود،
تنهنجي تخليقن تائين.
عملي طور تون پٽر آهين
تنهنجن دوستن جي نظر
تنهنجن ڏکڻ هٿن تائين،
جيڪي توکي پوزيون ڏيئي
پڏر ڪان خلا ۾ ڪٽي ويا اُهن
جتي تون بنهه هلڪو ٿي ويو آهين.
توکي ڪرسي ۽ عهدي لاءِ وڙهندو ڏسي
ڪل ٿي اچي
اج تون تخليقڪار نہ پر
تخريبڪار پيو لڳين
ايندڙ وقت توکي ڪهڙي خاني ۾ رکندو؟
تون ان ڪان بي خبر آهين.
*

# ڪِريل روپ

حالتن جي
حرامپائيءَ سبب،
دوستي ياري
سرسنگيت ۽ شاعريءَ ڪان پري
ڇسو جيون گهاريان پيو.
ڳڻتي اٿم ته بس پيٽ گذر جي،
سوچيان ٿو فقط گهر ياتين لئه.
حياتيءَ جو هي ڪِريل روپ
مٿبو به الائي نه!
ڇئبو آ جنهن کي جيئڻ،
سو جيئندس به الائي نه!!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيار ڪٿا

مون جڏهن بہ
پنهنجي پيار ڪٿا تي
سوچيو آہ
مون کي پنهنجي
پيار ڪٿا ۾
لفظ ”پيار“
اضافي لڳو آ.
*

روز
ڪچري جي ڍِڳن تان
ڪجھ خواب ليندو آهيان
۽ روز
ڪچري جي ڍِڳن تي
پنهنجا خواب
اڇلي ڇڏيندو آهيان
*

# نئين ڪوِيتا

مون ساهميءَ جي هڪ پُٽ ۾
پنهنجي جدوجهد
پنهنجا اصول
پنهنجو ضمير رکيو،
ساهميءَ جي ٻئي پُٽ ۾ هنن
پنجين اسڪيل واري سرڪاري ملازمت
جي آرڊر ڪاپي رکي ڇڏي
آرڊر ڪاپيءَ وارو پٽ ڳرو ٿي هيٺ ڪريو
منهنجي جدوجهد، اصولن ۽ ضمير وارو پُٽ
ڦاهي ڪاڏل سرد وجود جيان مٿي هوا ۾ لڏندو رهيو.

*

## نظم

سياڻا چوَن ٿا
مون کي
شاعر سڏرائڻ جو
ڪو حق ناهي
ڇو جو
آئون پنهنجا احساس
عروض جي ساهميءَ ۾
تورڻ نٿو ڄاڻان...!
*

## نظم

اسان
هٿين خالي ماڻهو تہ
محبتن جي مجموعي مانء
ڪجھ محبتون چورائي
پنھنجي نانءُ بہ نہ ڪري سگھياسين.
محبتن جا
سمورا حق ۽ واسطاء
پئسي وارن ماڻھن وٽ ئي محفوظ رهيا.
*

**مائيڪرو نظم**

منهنجو مَنڙو
پينو ٻار
سونهن اوهان
جي ڇڻ ڪو
سڪو..!
*

**مائيڪرو نظم**

اسان محدود
تو تائين،
مگر
سيني جو
تون سائين..!
*

## آزاد نظم

مان خواب ڪو
تنهنجي نيڻن جو
تو نيڻ پٽيا
مان اڏري ويس
مان رنگ ڪچو
اُن پوتيءَ جو
جا ڌوتي تو
۽ وڪري ويس.
*

## آزاد خيال

او وڏا شاعر
مون تنهنجي هر خيال تي
بيهي واهه واهه ڪئي آ
تون پر وٺي اُن جو فائدو
منهنجي هر سوچ کي
نظر انداز ڪري
اڳيان نڪري ٿو وڃين.
*

تنهنجي جوڀن جي
تار درياءَ ۾
منهنجون اکيون
ڪري پيون آهن
هن ڏرياهه ۾
لاٽ ايندي ئي
آئون موتي ايندس
پنهنجون اکيون ليڻ.
*

وضاحتن جي
ور چڙهيل
محبتون
نندي ڄمار ۾ ئي
مري ويندیون آهن.
*

اظهار سان
محبتن کي
معنيٰ ملندي آهي
لڪ ۾ ته
ڏوهه کيا ويندا آهن.
*

مون ۾ ۽ تو ۾
بس اهو آ فرق
تون اڃا ملهو آهين
۽ آئون
بي ملهو آهيان
*

فيس بوڪ
اها بازار آ جنهن ۾
منهنجي احساسن جو اگهه
هميشه ڪِريل ئي رهندو آ.
*

## نثري احساس

پوري سال ڪانپوءِ ظاهرٿي
روايت موجب مون لاءِ هڪ جملو
"جنم ڏينهن جو واڌايون"
انباڪس ۾ اڇلائي
غائب ٿي وئين
۽ آئون هميشه جيان
پوري سال لاءِ انباڪس تائين
محدود ٿي ويس.
*

# چئوسٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل لڳي تي ڪرين،
تون نڳي تي ڪرين،
عاشقن لاءِ دل،
چؤڏڳي تي ڪرين.
*

جڏهن پيي اوهان سان مِليا نيڻ آهن،
خوشيءَ ۾ اسان جا ڪِليا نيڻ آهن،
پَسي ٿَن ڪا نيٽن اوهان جي ۾ چاهت،
يا شايد اسان جا پُليا نيڻ آهن.
*

اکين ۾ رهو ٿا اکين جو قسم آ،
اوهان کي ته چاهڻ پرين پنهنجو ڪم آ.
اسان جي ته چاهت جو جاني سفر بس،
اوهان کان شروع ۽ اوهان تي ختم آ.
*

جڏهن کان اوهان کان ڇنا يار آهيون،
قسم ساڻ ڏاڍا رُنا يار آهيون.
ڪٽي سونهن جِيوَن مان ساري هليو وئين،
ٿِيا ڏِسُ ته ڪيڏا ڪِنا يار آهيون.
*

*

جِيون تنهنجي نانءُ ڪيو مون،
تن من تنهنجي نانءُ ڪيو مون.
منهنجي جهولَ آ خالي سائين،
سڀ ڏن تنهنجي نانءُ ڪيو مون.

*

وسارڻ جي چاهين وِساري سگهين ٿي،
مني پنهنجي دل مان ڏڪاري سگهين ٿي.
اسان جي نہ بندش لڳل آهي توتي،
وڻئي جنهن سان گڏ تون گُذاري سگهين ٿي.

*

درد ڏيڻ آ جنهن جي فطرت،
سو ڇا ڄاڻي پيار جي حُرمت.
سندر چهرو دل آ پٿر،
واهہ ڙي مولا تنهنجي قدرت.

*

ڇيڙن تي جو چَپ رکيائين،
ساهن سان ٿي ساهُ ڪڍيائين.
بُتَ سان جڏهن بُتُ ويڙهيائين،
منهنجو ٿي هر انگُ ڏنگيائين.

*

حواسن تي حاوِي اسان جي رهين ٿي،
گهڙي پل بہ دل تان نہ سائڻ لهين ٿي.

ڏُکن جي حوالي اسان کي ڪري تون،
الائي تہ ڪنهن جون ونگارون وهين ٿي.
*
اسان کان ڏور گهاريندين؟
لڳي ٿو تون تہ ماريندين.
پري مون کي ڪرين ٿو پر،
صنم تون پاڻ ساريندين.
*
ڪيس چئجو تہ  پنهنجي دل کي بازار نہ سمجهي،
هر شخص کي تہ پنهنجو خريدار نہ سمجهي.
هي پيار آهي پيار کي بس پيار رهڻ ڏي،
هِن پيار کي چئجوس تہ واپار نہ سمجهي.
*
چند مرڪُن پٺيان درد خاشو مليو،
سونهن جيئندي رهي عشق لاشو مليو.
منهنجي حالت ڏسي هر ڪو کلندو رهيو،
لوڪَ کي دِيدَ لئہ جڻ تماشو مليو.
*

اڪيلو فرد جاڳي پيو،
منجهس ڪو درد جاڳي پيو.
بهارُن جو سجاڳو هو،
سو چهرو زرد جاڳي پيو.
*

مجون تا اوهان کي وڻون ڪونہ تا،
مگر دل اوهان تان ڪڻون ڪونہ تا.
اوهان کي ئي چاهڻ اسان وس آ پيارا،
وڏي هامَ ڪائي هَڻون ڪونہ تا.
*

مُرڪ تنهنجي سلامت رهي او پرين،
نيڻ منهنجا ڀنا جي تہ چا ٿي پيو.
آ ڏکايو اسان کي زماني گهڻو،
گهاءَ تو ڀي ڏنا جي تہ چا ٿي پيو.
*

ڪريون ڀي تہ ڪهڙو اسان بحث جانا،
وڇوڙي جا ڳولهيا سوين تو بهانا.
دعا آ اسان جي جتي ڀي گذارين،
خوشين چاهتن جا تون ماڻين خزانا.
*

پيار جي لائق هر ڪو ناتو،
بند هجي شل نفرت ڪاتو.
بيزاريءَ جي باهہ نري پئي،
روح هجي هڪ ٻئي لئہ آتو.
*

اوهان ڪان ڏار ٿي سائين،
رُناسين ٻار ٿي سائين.
گُلن جهڙو هيو جِيوَن،
ويو اڄ خار ٿي سائين.
*

اڙي جِدت جا ڳولهائو اسان جو پيار سادو آ،
بناوٽ ڪونہ ٿا ڄاڻون ڪيو اظهار سادو آ.
مجون ٿا تنهنجي دنيا ۾ اسان لئہ جاءِ ناهي ڪا،
ڪري پر هوڏ بينو آ، هي دِل جو ٻار سادو آ.
*

پرت پچارون مون ڏي پاڇِي،
سُندر سارون مون ڏي پاڇِي.
توکان پو اي دلبر جاني،
نيڻ ملهارون مون ڏي پاڇِي.
*

جن لئہ آهن پاڳل اکيون،
اکڙين کان سي اوجهل اکيون.
روز پيون ٿيون برسن سائين،
جڻ کي آهن بادل اکيون.

*

ٽُٽا جو رابطا سائين،
ٿِيا پو حادثا سائين.
جُڙي وِيا درد سان ڪيڏا،
گهڙيءَ ۾ واسطا سائين.

*

نيٽن سان مون واڳيا نيڻ،
ڪونہ رهيا پو ساڳيا نيڻ.
عڪس نہ ڪو ئي پنهنجو پاتم،
مون جو تنهنجا جهاڳيا نيڻ.

*

تو آ جيڪا پالي دِل،
احساسن کان خالي دِل.
مِيرُ ڪيو مون پنهنجو مَنُ،
تون بہ تہ ڪر ڪا بالي دِل.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نماڻا نينهن جاڳي پيا،
اکين ۾ مينهن جاڳي پيا.
لنگهياسين ڄامشوري مان،
پُراڻا ڏينهن جاڳي پيا.
*

هُل هُلائڻ آيو آهيان،
حال ٻڌائڻ آيو آهيان.
ڪير خريدي سستا ڏيندسُ،
خواب کپائڻ آيو آهيان.
*

آ خواب اکين جي ڏوليءَ ۾،
تون ساڻ هُجين هِنَ هوليءَ ۾.
هي پيار سمورو توکي ڏيان،
آ جيڪو دِل جي جهوليءَ ۾.
*

تنهنجيون ڳالهيون منهنجي واتِ،
هر پل آهي تنهنجي تاتِ.
تو بن جِيون بي معني،
تنهنجي ڪارڻ آئون حياتِ.
*

جڏهن پيي ڏسون ٽا نقابن ۾ آهين،
لڳي ٿو صدين کان حجابن ۾ آهين.
ڪنيا هِن جڏهن پيي اکين تنهنجا پِيرا،
اسان کي مليو تون گلابن ۾ آهين.

*

ان کان پهرين متي بڻجان
ڳالهه سچي ۽ چٽي بڻجان
مون مان گذرين هر هر سائين
تنهنجي گهر جي گهٽي بڻجان.

*

ڊسمبر سرد کي پوڳيم،
رڳوئي درد کي پوڳيم.
سڄڻ جي روپ ۾ اڪثر،
هنيلي فرد کي پوڳيم.

*

نيڻ منهنجا هُجن، پير تنهنجا هُجن،
ڳوٺ منهنجو هجي، سير تنهنجا هجن.
وقت کان جي ملي پاڻ کي ڪو ثمر،
ٿوهَ آئون ڪٽان، ٻير تنهنجا هجن.

*

يار ٽورو ڪجان،
ياد ٽورو ڪجان.
راهه ۾ جي مُلون،
پاڻ پورو ڪجان.
*
گرم ساهن جون سرگوشيون.
بدن ۾ بدن جون روپوشيون،
ڪٿي ٿيون يار کي وسرن،
بنا پيئڻ جي مدهوشيون.
*
محبتون واري ۾ ناهن،
پنهنجي ستاري ۾ ناهن،
چاهتون پنهنجون دوست،
ڪنهن به شماري ۾ ناهن.
*
اسان کي روز آ مرڻو.
جيئڻ جو ڏنڊ آ پرڻو.
حياتي مختصر ليڪن،
صدين جو پنڌ آ ڪرڻو.
*

اسان جو جوڙ اوجاڳا
نياڻ توڙ اوجاڳا
اکين جي ماٺ کي چيري
پيا کن گوڙ اوجاڳا.
*
گمنام ٿا رهون
پر عام ٿا رهون
ڪوئي نٿو وٺي
بي دام ٿا رهون.
*
هلي آ جياپي جي رازن کي سمجهون،
ڪٽي درد جهرڪي جو، بازن کي سمجهون،
پلي ڪر سرن کي گناهن ۾ شامل،
اول آ هوائن جي سازن کي سمجهون.
*
هڪ جام پيئڻ سان،
ڪجهه ٿهڪ ڏيڻ سان،
مون درد پچايا،
دوکي ۾ جيئڻ سان.
*

منهنجي دل جون ٻتيون
درد سان تو لتيون
ڇو نہ دلبر اڏيئي؟
چاهت جون ڇتيون!
*
بي ڪيف هوائون
پر شور صدائون
پنهنجي ئي شهر ۾
اڄ اوپرو آئون.
*
اوهان جو عڪس نيڻن ۾
خوشيءَ جو رقص نيڻن ۾
اوهان بن ڪونہ ٿو نهڪي
ٻيو ڪو شخص نيڻن ۾.
*
ٿاندا ٿاندا منهنجو تن من
بارش جهڙو تنهنجو جوڀن
برسي پئين جي مون تي هيڪر
سوڪو گهاريان سارو جيون
*

انتظاري ختم
آهه زاري ختم
ڇَپَ ڇپڙن مٿان
منهن ماري ختم.
*
چالبازي ڪري
جعلساز ڪري
هاءِ لادين ڪي
وئين نمازي ڪري.
*
پيتا خوري تنهنجي عادت،
چوري زوري تنهنجي عادت.
پاڻ تو ڏين تهذيبن جا،
وسڪي چوري تنهنجي عادت.
*
تنهنجي صورت وسرندي وڃي
مون مان چاهت نڪرندي وڃي
بي ست جيون جي هر ساعت
ڪک پن ٽي بس وکرندي وڃي
*

اعتبار ڪرڻ جهڙي هُئي،
هوءَ پيار ڪرڻ جهڙي هئي،
بي سمجهہ مگر چوندا رهيا،
سنگسار ڪرڻ جهڙي هئي.
*
اڌوري گهُور ارپي وئي،
اسان کي سور ارپي وئي،
تڪيائين پل گهڙي ليڪن،
صدين جا پور ارپي وئي.
*
ساٿ تنهنجو هيو يار ماڪيءَ جيان
تو سوا زندگي ڄڻ ڪساري هجي
آئون مزدور پوڙهو لڳان ٿو پرين،
پيار دردن سندي ڄڻ تغاري هجي.
*
روز ڪجي ٿو منهنجو پيارو،
لاش ملي ٿو ڇچريل سارو،
ماٺ رهيس جي هاڻ بہ آئون،
آخر ايندو منهنجو وارو.
*

سرد راتيون وريون
جڏهن ته ڪاتيون وريون
آئون جن ۾ لڪان،
سي نه ڇاتيون وريون.
*

آدم جي آبادي گهرجي
سوچن جي آزادي گهرجي
پاڻ به آهيون پورا سرور
دنيا پيءِ ڪا سادگي گهرجي
*

ڪلراٺي جڏهن ڏرتي آهيان
مون کي ڪيڙي ڪجهه به نه ورندئي
وڪرڻ منهنجي فطرت آهي
مون کي ميڙي ڪجهه به نه ورندئي.
*

دڙڪن جهڙيون مرڪون تنهنجون
ٻاڙا تنهنجا ٻول ويا ٿي
پيار مري ويو تو ۾ آهي
چرچا تنهنجا قول ويا ٿي.
*

يادگيري سڄڻ
آ اسيري سڄڻ
ٻارپڻ کان وٺي
قيد پيري سڄڻ.
*
اظهار ڪري چڻ ڦاٽاسين
دل ٻار ڪري چڻ ڦاٽاسين
گذري تہ گھٽي آ نفرت ۾
ڪجھہ پيار ڪري چڻ ڦاٽاسين
*
اڌوري گھور ارپي وئي
اسان کي سور ارپي وئي
تڪائين پل گھڙي ليڪن
صدين جا پور ارپي وئي.
*

پوپٽ جهڙو روح رکين ٿي
هر ڪنهن گل جو واس وٺين ٿي
ٻارن وانگي توڏي ٻوڙان
تون پر ڪيڏو ڏور ڀڄين ٿي.

*

پاڻ ٿياسين پوڙها سائڻ
چاهہ تہ پوڙهو ٿيڻو ناهي
جهور ٿيا هي انگڙا ليڪن
ساهہ تہ پوڙهو ٿيو ناهي.

*

اوهان جي اکين ۾ نڪاڻو ملي پيئي
اسان کي جيئڻ جو بهانو ملي پيئي
ملي ساٿ جيڪر اوهان جو گهڙي پل
اسان کي بہ سارو زمانو ملي پيئي!!..

*

مون ۾ رهجي ويندڙ ماڻهو
مون مان پنهنجو پاڻ ڪٽي وڃ
پنهنجي هڪ هڪ سار سهيڙي
پنهنجو هر اهڃاڻ ڪٽي وڃ

*

ملين ڀي ڪونہ ٿو ڪاٿي
ذخيرو ٿي وئين شايد!!
هٿين خالي اسان آهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون هيرو تي وئين شايد!!

*

گهڙي پل خواب تا جهاڳيون
حقيقت ڏي بہ ورڻو آ
ڇڙي ٿو سونهن جو سرگم
اسان جو عشق نچڻو آ.

*

اسان جو سور سڃاڻو
آهيون مجبور سڃاڻو
اوهان کي ووٽ ڏنو آ
اڙي حضور سڃاڻو!!..

*

ڪسي اسان جو چين ۽ ٻين کي راحتون ڏنئي
سين جي لاءِ ياڳوند اسان لئہ بددعا نہ ٿيءُ
اسان جي موهہ کي ڏسي اسان جون نوڙتون ڏسي
اسان جي عاجزي ڏسي خدا کي مچ خدا نہ ٿيءُ.

*

سات تنهنجو هيو يار ماڪيءَ جيان
تو سوا زندگي ڄڻ ڪساري هجي
آئون مزدور پوڙهو لڳان ٿو پرين
پيار دردن سندي ڄڻ تغاري هجي

*

چو ذهن تان نٿي لهين؟
چو سوچ ۾ پئي رهين؟
اڏاوتون پئي ڪرين!!!
چومون منجهان نٿي ڊهين؟
*

آدم جي آبادي گهرجي
سوچن جي آزادي گهرجي
پاڻ به آهيون پورا سرور
دنيا ۾ ڪا سادي گهرجي
*

حسينن جي تہ هر ڪوئي رهي ٿو ساٿ ۾ شامل
اڪيلا ئي رهيا اڪثر اسان جهڙا ڪسا ماڻهو
نمايان ٿي ڪيون سين پر نظر ۾ ڪينَ سي آيون
اسان جون چاهتون ننڍڙيون اوهان آهيو وڏا ماڻهو
*

جو آ تنهنجو خدا سوئي منهنجو خدا
دين منهنجو مگر آهي توکان جدا
دين جي نانء تي تون ڪٿين ٿو ڳلا
منهنجو مذهب اٿئي ماڻهپي تان فدا
*

ٿو سنڌ ڪُٺائين زرداري
آ حيرت پو پيي هر واري
هن سنڌ سڄيءَ مان ٿيندي آ
ڇو تنهنجي ٽولي سوپاري؟
*
پوپٽ جهڙو روح رکين ٿي
هر ڪنهن گل جو واس وٺين ٿي
ٻارن وانگي توڏي ٻوڙان
تون پر ڪيڏو ڏور پڄين ٿي
*
تنهنجي صورت وسرندي وڃي
مون مان چاهت نڪرندي وڃي
بي ست جيون جي هر ساعت
ڪڪ پن ٿي بس وکرندي وڃي
*
رولاڪ رهياسين
بي ٿاڪ رهياسين
دنياءِ مقدس ۾
نا پاڪ رهياسين
*
ٿاندا ٿاندا منهنجو تن من،
بارش جهڙو تنهنجو جوڀن.
برسي پئين جي مونتي هيڪر،

سوکو گھاريان سارو جيون.

*

پيار ۾ دوکا ملندا رهندا
درد انوکا ملندا رهندا
جيسين دل ۾ ڌڙکو آهي
دل کي جوکا ملندا رهندا

*

ائين نفرت جي پاڻي سان
ڇڏيو تو جلد ۾ ڌوئي
اسان جو پيار ٻہ تنهجي
چنيءَ تي مير وانگي آ.

*

ڇپن جي ويجهڙو کري ڇپن کي ڇو پري کيئي؟
رُلي وئي جا راھ ۾ تون ان چُميءَ جي ڳالھ کر،
کري جو تنهنجي سونهن کي امر ويو آ لوک ۾
کڏهن ته تون به ڇوکري کا ان کويءَ جي ڳالھ کر.

*

اکين ۾ پاڻُ لاهڻ ڏيو
اسان کي کجھ ته چاهڻ ڏيو
اوهان جي دل جي کيتيءَ ۾
اسان کي قرب کاهڻ ڏيو

*

سمجهوتن تي پيار ملي ٿو
پيڪيجن تي پيار ملي ٿو
جيسين آمهون سامهون ٿيجي
ميسيجن تي پيار ملي ٿو
*
ذهن جي جهول ۾ اُڇليل اوهانجي سار جا سڪا
سنڀاليون دلربا ڪيسين اڌوري پيار جا سڪا
اوهان بن حال ٿيو ڪهڙو اوهان کي ڇا ڏسيون سائين
لڳو جڻ راهه ۾ آهن وڃايا ٻار جا سڪا.
*
مفلس جو آ پيار به مُفلس،
لهجو ۽ اظهار به مفلس.
مُفلس کي هِت پيار ملي ڪيئن،
مُفلس جو ڏاتار به مُفلس.
*
پل ڪن توسان رَليا نيڻ،
جيون ڀر پو جليا نيڻ.
لوڪ ته ساري منهنڙو موريو،
تو به سڄڻ اڄ پليا نيڻ.
*

جيون توسان ونڊ ڪيو مون،
هر پل پنهنجو ڪنڊ ڪيو مون.
توکي ويجهو آڻي سمجهيم،
ڄڻ ڪو ويجهو چنڊ ڪيو مون.
*
اوهان سان گُذاريل گهڙيون ياد آهن،
مُنيون ياد آهن ڪڙيون ياد آهن.
ڪري جن سان پنهنجو ڏِڪاري چڏيئي،
نگاهون اُهي بي وڙيون ياد آهن.
*
ڪِٿي هاڻ ماضي وساري اچان ٿو،
۽ احساسَ سارا اُڏاري اچان ٿو،
مَلي چينُ شايد پوَي دوستو ڪو،
مُحبت کي ترسو تہ ماري اچان ٿو.
*
پنهنجو پيي ڪو جوڙ نَهي پئي،
تنهائنِ جو ٿَڪُ لهي پئي.
سالن کان پيو خالي آهي،
دل جي گهر ۾ ڪو تہ رهي پئي.
*

مالڪ تون، مان نوڪر وانگي،
پٽر مان، تون نوڪر وانگي.
تو ڪي مُرڪون ارپڻ خاطر،
جيون گھاريم جوڪر وانگي.
*

سَرَءُ جون ساعتون آهن،
مخالف حالتون آهن،
ڪپي بس ڏِيانُ تو تنهنجو،
نِڌڻڪيون چاهتون آهن.
*

ڪي پَلَ مون سان ساڻُ هَلي تون،
منهنجو سوڪو پنڌ ڪري وڃ.
وَڪريل آهيان ٽُڪرن ۾ مان،
ميڙي هڪڙي هنڌ ڪري وڃ.
*

اُتم جا ساھ ڪان ڏرتي،
اوهانکي هاڻ سا پرتي.
اسان آ زندگي ڏيئي،
اوهان لئہ زندگي ورتي.
*

اوهان جي اچڻ تي
لڳا بند سائين،
اسان جي اکين جا
پڳا بند سائين.
*
ڇا جون عيدون ڇا جا ميلا؟
پاڻ تہ آهيون يار اڪيلا،
عيدون تن جون ڇئبيون سائين
يار سان ڪٽبا جن جا ويلا.
*
نهارڻ سان مون کي ڏنگي آ وئي،
ڇسي زندگيءَ کي رنگي آ وئي.
ڪُپن ئي نٿا پير ڌرتيءَ مٿان،
خلائن ۾ سائِڻ ٽنگي آ وئي.
*
اوهان ڪان سوا هي ٻُسي شام آهي،
اسان ڪان وئي ڇڻ رُسي شام آهي،
اڪيلي ۾ نيٽن وسايا پئي ڳوڙها،
اسان سان ڪٺي اڄ پُسي شام آهي.
*
جن لاءِ آهن پاڳل اکيون،
اکڙين ڪان سي اوجهل اکيون.
روز پيون ٿيون برسن سائين،

جڻ ڪي آهن بادل اڪيون.

*

وڏائي فاصلا ويئي،
منجهائي معاملا ويئي،
اسان جي زندگي سائڻ،
بڻائي ڪربلا ويئي.

*

آ خواب اکين جي ڏوليءَ ۾،
تون ساڻ هُجين هن هوليءَ ۾،
هي پيار سمورو توکي ڏيان
آ جيڪو دل جي جهوليءَ ۾.

*

ٽُٽا جو رابطا سائين،
ٿيا پو حادثا سائين،
جُڙي ويا درد سان ڪيڏا،
گهڙي ۾ واسطا سائين

*

پرت پچارون مون ڏي پاڇي،
سُندر سارون مون ڏي پاڇي.
تو ڪان پو اي دلبر جاني،
نيڻ ملهارون مون ڏي پاڇي.

*

درد جي دوا ڪپي،

تورڙي وفا کپي.
عارضي صحيح مگر،
يار جي رضا کپي.
*

عذاب گهر آ اسانجو جيون،
نِسورو ٽر آ اسانجو جيون.
نِهاري هر کو قِٽو کري ويو،
کسو وکر آ اسانجو جيون.
*

چيز بَزاري پيار آ تو لئہ،
مُٺ ۾ واري پيار آ تو لئہ.
ڏور وئين ٿي دل پرجڻ تي،
وقت گُذاري پيار آ تو لئہ.
*

پير اگهاڙا قاتل ڪپڙا ڇهري منجهه غبار،
عيد ڏهاڙي بازار وچ ۾ يتڪيو پئي کو ٻار،
هٿڙن سان پئي کستو ناهي سپ جي آڏو رکيائين،
دڙکا چڙٻون کوڙ مليس پر کو نہ مليس کو پيار..!
*

مرضي آ تنهنجي سائين
چاهين نٿو جي مونکي
ضد پي ڪريان تہ چالاءِ
لهڻان تہ نٿو توکي....؟

*

نيڻن سان مون واڳيا نيڻ،
ڪو نہ رهيا پو ساڳيا نيڻ،
عڪس نہ ڪوئي پنهنجو پاتم،
مون جو تنهنجا جهاڳيا نيڻ.

*

وحشتن ڪان سڄڻ
آڇيو تو گهُران
ٻار ذرتي سندو
ٻيڏيو تو گهُران.

*

ڌماڪي جو جاري اثر ذهن تي
ڪريو ڄڻ آ ڀاري پٿر ذهن تي
هوا تي ويون سڀ حرامين جون چالون
اسان جون اُهي ئي پڙن ۾ ڌمالون

*

ڪنهن جا ڪنهن جا
سور سنڀاليون
اڪيون ساري
جڳ جون آليون

*

مون ننڊ وڃائي رستن تي،
سو خواب لتاڙي دنيا وئي.
تعبير بہ ٿيندي آهي ڪا،
سا ڄاڻ نہ مون کي ڪڏهن پئي.
*
فرق تہ ڪنهن تي پوڻو ناهي
ڇو پوءِ سهڻا پاڻ کي ڏاهيون
دنيا اهڙي ٿيڻي ناهي
جهڙي سرور پاڻ ٿا چاهيون.
*
روز ٿو ماريان
حسرت پنهنجي
روز تو جنميا،
ماٽان آهن.
*
هلي آ جياپي جي رازن کي سمجهون
ڪٽي درد جهڙڪي جو بازن کي سمجهون
يلي ڪر سُرن کي گناهن ۾ شامل
اول آ هوائن جي سازن کي سمجهون.
*

اسان تي چاهي گلاب دنيا
وجي پئي ٿيندي عذاب دُنيا
غريب آهي اسان جي چاهت
نہ ٿي قبولي نواب دُنيا
*

# ٽ سٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيل بہ سارو سال
جيون منهنجي ۾
پريو نہ تنهنجو خال.
*
مون کي بہ ڪو سمجهائي،
ڇو سرد هوا آخر،
ٿي چاهه ڪي گرمائي...؟
*
مون ڏي ناهي گل
حاضر تنهنجي لاءِ
ڳوڙهن وارا ڳل
*
جهڙالو پهر
پرين تو بنا
لڳي ٿو زهر.
*

# ٻ شا

گلابن ڪان سِڪايل مان ڏيئو روشن نہ مون تي ڪو،
سجاڻپ جي مان ڳولها ۾ بنا ڪَتبي قبر آهيان.

*

منهنجي مُک تي رنگ ڏسي،
هن جي مُک جو رنگ لٿو.

*

رنگن جو تون حامي آهين،
شاهه سچل جڻ سامي آهين.

*

اوهانجي سار ۾ جيئندا آهيون،
رڳي تڪرار ۾ جيئندا آهيون.

*

محبت هئي يا هيا ڪي ڇٽا؟
ڏيڻ لاءِ هوڪا ڏناسين گهٽا.

*

بي حس ٿيندا پاڻ وجون،
شعر لکون بہ تہ ڪيئن لکون.

*

ايترا عظيم اسين ناهيون جو تون اسان کي ٿڏيندين،
۽ اسان توکي اکين تي ويهاريندا سين.

*

اسان کي انوکي سزا آ ملي،
وڏي عمر جي اڄ دعا آ ملي.

*

يلي چاڙهه ڦاهي اسان کي او قاضي،
نٿو ڏيمر گهرجي اسان ناهيون راضي.

*

رزق مون کي ملي ريت کهڙيءَ پيو،
پڇ نہ مون کا اهيو پڇ نہ مون کان اهيو.

*

لعنتن کان اڳيان ٻي سفر کو کريو،
عمل سنڌ لئہ پر اثر کو کريو.

*

شاهي سپنن کان ٿي آجي،
نند ٻہ پنهنجي عامر رواجي.

*

تنهنجي جيون جي هر کا گهڙي بخملي،
مون کي هلواڻ جهڙي حياتي ملي.

*

ڏيئا نيڻ ٿيندا وڏي جوت ويندي،
ڏياري اگر جي سڄڻ ساڻ ٿيندي.

*

پنهنجن لئہ ٿيا گونگا ٻوڙا،
ڌارين خاطر گهوڙا گهوڙا.

*

حياتي  ايتري  گهرجي،
وطن خاطر رڳي مرجي.
*
ڌرتيءَ تي هي تارا ميرا،
منظر جن سان سارا ميرا.
*
کهاڻيون لکي خود کهاڻي بڻياسين،
اسان مرڪ جي ڄڻ پڄاڻي بڻياسين.
*
ڏوهه منهنجو ڏسيو
ساهَ چوڌا کسيو؟
*
وقت توتي ڪري چو نٿو ڪو اثر؟
سونهن ويتر گهٽي دل بہ ساڳي پٿر!
*
تنهنجو ماضي بڻجڻ ويل،
وڻ ٿو پاسان پن ڇڻ ويل.
*
توبن جيون گذري ويندو،
ها پر جيئڻ وسري ويندو.
*
ڊسمبر هجي يا هجي جنوري،
اسان ڏي تہ ساڳي آ سورن پري.

*

انبڙين جهڙي تنهنجي ذات،
سوچڻ سان ٿيو پاٽي وات.

*

اسان تي هلي ٿي زماني جي مرضي،
اسان پو ٻہ آهيون زماني جا قرضي.

*

بارش جهڙي ناري ڪيڏانهن؟
مون ۾ تر آ هليا هيڏانهن.

*

مختلف سوچيان ٿو،
ها تڏهن پوڳيان ٿو.

*

اوهان جي سار ۾ جيئندا آهيون،
رڳي تڪرار ۾ جيئندا آهيون.

*

سفر ريل وانگي حياتي سڄي،
جواني آ رستي ۾ ٿيشڻ نندي.

*

تو بن جيون گذري ويندو،
ها پر جيئڻ وسري ويندو

*

ڪالھہ رستن تي جيڪي فسادي ھيا،
ڏک آھي اھي سپ نمازي ھيا.
*
ڪنھن جا ڪنھن جا سور سنڀاليون،
اڪڙيون ساري جڳ جون آليون.
*
ورھايان درد پيو يا
اڄي ڪو ونڻ وارو
*
بارشن ڪي ڏسي ياد آئي وري
بارشن وانگيان بي چئي ڇوڪري
*
سُفيد چادر جھان سارو،
وجود منھنجو نشان ڪارو.
*
وھاٽن ڪي ياڪر پائي
پاڻ چڏيو آ اڄ پرڇائي.
*
نئين سال جي ٽا ڪريون آجيان،
آءُ مرڪون ڪٽي ٿھڪ توڪي ڏيان.
*
ٻُڏائي ڇير يادن جي،
مڇائي ٿو وڇوڙو پيي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

ٻين سان ڪريون ڇو شڪايت هن جي،
جيئڻ ئي اسان جو حماقت هتي.

*

ٽورو ٽورو روز مرون ٿا
گمناميءَ ڏي پاڻ ورون ٿا

*

تو مان ئي ٿو چارج ٿيان،
تو ۾ ئي ٿو خارج ٿيان.

*

سُر ساز سونهن جو ساهه مون ۾ اچي ويو
تقويٰ ۽ عشق هو ليڪن نچي ويو.

*

دور اسان جو سونو ايندو،
آس انهيءَ ۾ وار ٿيا چاندي.

*

چئن چپن تان آئي ڦري،
سلفي آخر وئي ٺري.

*

رنگن سان پيي وير اٺئي،
سوچن ۾ ڪو مير اٺئي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي بت جي رنگن سان
پنهنجي بُت کي رڱيان مان.
*

نہ ديوار ڪائي نہ در ڪو اسان جو
اهي روڊ رستا پرين گهر اسان جو.
*

اوهان جي مُرڪ بامقصد،
اسان جا لڙڪ بي معنيٰ.
*

رنگن جي جا ٻولي سمجهيم،
جيون سارو هولي سمجهيم.
*

اچي ڪو يارُ سمجهائي،
ڪبو ڪيئن پيارُ سمجهائي.
*

ڏِڪارن جا وارث ٻڌياسين اسان،
ڪڏهن ڪوئہ ڪنهن کي وڌياسين اسان.
*

جيون جي لڙڪ آهي چپ چاپ اگهڻ گهرجي،
جيون جي مرڪ آهي هر ڪنهن سان ونڊڻ گهرجي.
*

دهل وانگي وڄي دل بہ سيني اندر.
تون جو سامهون پرين مونکي آئين نظر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

پهر جي اکين ڪان پري ٿا رهو،
لڳي ٿو صدين ڪان پري ٿا رهو.

*

جوڪر جهڙو جيون ماڻيان
مرڪون سيني مڪڙن آڻيان.

*

اسان ڪي تہ ڪوئي پُڇي ئي نٿو،
اسان لاءِ ڪوئي لُڇي ئي نٿو.

*

ڪنهن جا ڪنهن جا سور سنڀاليون،
اڪڙيون ساري جڳ جون آليون!!!

*

محبتن جي ناءَ تي جو ٿي پيو تخليق آ،
آ تہ ڪچري تي پيل ان ٻار جون ڳالهيون ڪريون.

*

پٽ پرايا ڏوئي ڏوئي،
ٻالڪ پڻ ٿيو ميرو آهي.

*

انسان اگر چاهي انسان بچي ويندو،
احساس، محبت جو سامان بچي ويندو.

*

توکي جيون ڪٿا لئہ ٿي هيرو ڪتو،
مون تہ گھاريو آ جوڪر جي ڪردار جان
*
اوهان کي ڏسڻ سان گھٽيو درد آهي،
اوهان جي ڏسڻ سان ختم مرض ٿيندو
*
جڏهن ڪان لڏائي چڏئين پاڻ مان،
اسان کي ٻيو گھر مليئي نٿو.
*
ضرورت زماني جي مٿجي وئي،
قِران ٿو مان ساڳيون وفائون ڪٽي.
*
واسطن جي وال تي پوسٽ ڪئي تو بي رخي،
منهنجي دوستن ڏسي، لائيڪ آ لکن ۾ ڪيو.
*
تنهنجي ڳل جا موهيڙا موهڻ ٿا من منهنجو،
ڇا ٿو وجي تنهنجو، جي تڪيان ٿو مان تو کي.
*
بسترو ٿو وندي لوڪ مون سان مگر،
درد منهنجو وندي سو نہ آيو نظر.
*
اوهان جي مُرڪ با مقصد،
اسان جا لُڙڪ بي معنىٰ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

وڃايو يار ها تو ۾
ليپي ڏي پاڻ مان مون کي.

*

بي حس ٿيندا پاڻ وڃون
شعر لکون ته ڪيئن لکون؟

*

اوهان جي سار ۾ جيئندا آهيون،
رڳي تڪرار ۾ جيئندا آهيون.

*

تنهائين جو راڄ آ مون ڏي،
يادن جو اڄ ڪاڄ آ مون ڏي.

*

*

منهنجي مُک تي رنگ ڏسي
هن جي مک جو رنگ لٿو.

*

تنهنجي بُتَ جي رنگن سان
پنهنجي بُتَ کي رنگيان مان.

*

اوهان کي ڏسڻ سان گهٽيو درد آهي
اوهان جي ڏسڻ سان ختم مرض ٿيندو

*

ضرورت زماني جي مٿجي وئي
ڦران ٿو مان ساڳيون وفائون ڪٽي.
*
اڪيلو گذارڻ هُنر آهي جيڪر
تہ اُستاد پنهنجو سڄڻ ڪي ٿو سمجهان.
*
جڏهن ڪان لڏائي ڇڏيئي پاڻ مان
اسان ڪي ٻيو گهر ملي ئي نہ ٿو.
*
رم جهم رم جهم بادل برسيا
نيڻ اوهان جي لاءِ ڪيڏا ترسيا.
*
پتو مان ٿاڪ پنهنجي جو چري تو ڪي ڏيان ڪهڙو
جڏهن ڪان در ڇڏيم تنهنجو تڏهن ڪان در بدر آهيان.
*
تنهائين ڪي ياڪر پائي،
پاڻ ڇڏيو آ اچ پرڇائي.
*
رهي پئون درد ڪان اوجهل،
ڪٿان آڻيون سو ڳولهي پل؟
*
پنهنجي دل آ اڪ جي ماڪي،
هر ڪنهن جهٽ ۾ روڙي لاٿي.

*

ميجون ٿا اوهان کي وٽون ڪونہ ٿا
مگر دل اوهان تان ڪٽون ڪونہ ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book